روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 29 اپريل 2023 ع بمطابق 08 شوال المکرم 1444هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 333

حڪومت رهيل اسيمبليون ٽوڙي ته هڪ ڏينهن چونڊ لاءِ تيار آهيون: عمران خان

جيڪڏهن 14 مئي تي به چونڊون نه ٿيون ته آئين ٽوڙيو ويندو، جيڪڏهن آئين ٽوڙيو ته پوءِ جيڪو مضبوط هوندو اهو ئي ٿيندو

اسان هميشه سپريم ڪورٽ جي فيصلن تي عمل ڪيو آهي، اسان آئين تي قائم آهيون، پي ڊي ايم ۽ اسان جو ڪو به مقابلو ناهي

جيڪڏهن پيهر سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جون ڳالهيون ڪيون ته پوءِ ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي، نه هاڻي بال حڪومت جي ڪورٽ ۾ آهي

جيڪڏهن هڪ ڏينهن اليڪشن ڪرائڻي آهي ته ڪري وٺو، پارليامينٽ نه آئين سپريم آهي

مان ان ڪان وڌيڪ شيون ڄاڻان ٿو پر هي قومي سلامتي جو مسئلو آهي، مان نٿو چاهيان ته ڪا بين الاقوامي خبر نهي ۽ ملڪ جو نقصان ٿئي

مان پهرئين ڏينهن کان چئي رهيو آهيان ته اليڪشن جي تاريخ تي ڳالهيون ڪري سگهون ٿا : اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان شاهه محمود قريشي ۽ فواد چوڌري کي هدايت ڪئي آهي ته حڪومت اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ فوري چونڊون ڪرائڻ چاهي ٿي، جيڪڏهن هو پيهر سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي ڳالهه ڪن ته پوءِ ڳالهائڻ جي ضرورت ناهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي عمران خان چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: عمران خان هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي

ساموندي پٽي ۾ قلم 144 لاڳو، مهاڻن جي شڪار تي پابندي

ٺٽو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو پاران سموري ضلعي خاص طور تي ٺٽي جي ساموندي پٽي ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ساحلي پٽي سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي شڪار تي پڻ پابندي لڳائي وئي آهي. جنهن تحت ڪو به مهاڻو پنهنجون لانچون سمنڊ ۾ شڪار تي رڃ بجاءِ سمنڊ جي ڪناري تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

يقين سان چوان ٿو ته معاشي حالتون جلد بهتر ٿينديون: وزيراعظم

پاس آئوٽ ٿيندڙ سمورن ڪيڊٽس کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، ڪيڊٽس جي والدين کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو : شهباز شريف

پاڪ فضائيه هر چيلنج ۾ ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي، پاڪ فضائيه پنهنجي شاندار پيشه ورانه صلاحيتن جي ڪري پوري دنيا ۾ نمايان آهي

مون کي يقين آهي ته هٿياربند فوج هميشه قوم جي اميدن جي مطابق پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي رهندي

هن وقت دنيا موسمياتي تبديلي سميت ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي، پاڪستان معاشي چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي

سمورن ملڪن سان ڳڏيل مفادن جي بنياد تي مثبت لاڳاپا چاهيون ٿا، ڪشمير مسئلي جي حل کانسواءِ ڏکڻ ايشيا ۾ امن قائم ٿيڻ ناممڪن آهي

ڀارت والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڪليل ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي، ڀارت آگسٽ 2019 ع کان ڪشمير کي جيل ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته کيس يقين آهي ته ملڪ جون معاشي حالتون جلد بهتر ٿينديون. پاڪ فضائيه جي پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته پاس آئوٽ ٿيندڙ سمورن ڪيڊٽس کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو، ڪيڊٽس جي والدين کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو وزيراعظم چيو ته پاڪ فضائيه هر چيلنج ۾ ملڪ جو نالو روشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ، پاڪ فضائيه جي پاسنگ آئوٽ پريڊ کي خطاب ڪري رهيو آهي

لڪي مروت ۾ فورسز جو ڪارروايون 7 دهشتگرد مارجي ويا، 3 اهلڪار شهيد

سڪيورٽي فورسز لڪي مروت ۾ مختلف هنڌن تي دهشتگردن جا 3 حملا ناڪام بڻائي ڇڏيا

فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ 3 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا: آءِ ايس پي آر

موٽرسائيڪل سوار آپگهاتي بمبار لڪي مروت ۾ سڪيورٽي فورسز جي پوسٽ ويجهو ڌماڪو ڪيو

شهيدن ۾ نائيڪ صوبيدار تاج مير، حوالدار ذاڪر احمد ۽ سپاهي عابد حسين شامل

راولپنڊي (م د) سڪيورٽي فورسز لڪي مروت ۾ مختلف هنڌن تي دهشتگردن جا 3 حملا ناڪام بڻائي ڇڏيا، جوابي فائرنگ ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا، فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ 3 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد ٿي ويا، پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر موجب موٽرسائيڪل سوار آپگهاتي بمبار لڪي مروت ۾ سڪيورٽي فورسز جي پوسٽ ويجهو ڌماڪو ڪيو آءِ ايس پي آر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

راولپنڊي: لڪي مروت ۾ فورسز جي ڪارروائي دوران شهيد اهلڪار (فائيل فوٽو)

گورنر سنڌ پاران لڪي مروت ۾ سيڪيورٽي چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي آپگهاتي حملي جي مذمت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽسوري لڪي مروت ۾ سيڪيورٽي چيڪ پوسٽ تي دهشتگردن جي آپگهاتي حملي جي مذمت ڪئي آهي، سنڌ جي گورنر فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ شهيد جوانن جي درجات جي بلندي لاءِ دعا ڪئي، سنڌ جي گورنر چيو ته پاڪ فوج جا جوان ملڪ ۽ قوم جي سلامتي لاءِ پنهنجي جان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ چونڊن بابت 3 شرط حڪومت آڏو رکي ڇڏيا

ڳالهين ۾ پي ٽي آءِ شرط رکيو ته مئي ۾ قومي اسيمبلي ۽ رهيل 2 صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون وڃن : ذريعا

اتحاد ۾ شامل پارٽين جي مشاورت سان فيصلا ڪيا ويندا، سمورا معاملا آئيني حدن ۾ رهي حل ڪنداسين : اسحاق ڊار

ڳالهين جو پهريون دور 2 ڪلاڪ جاري رهيو، اسان حل ڪڍڻ جي جذبي سان ڳالهين ۾ ويٺا آهيون

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چونڊن بابت 3 شرط حڪومت آڏو رکي ڇڏيا، حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي وفدن وچ ۾ ڳالهين جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي، ذريعن موجب ڳالهين ۾ پي ٽي آءِ شرط رکيو ته مئي ۾ قومي اسيمبلي ۽ رهيل 2 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بغاوت ڪيس ۾ عمران خان جي ضمانت منظور

عدالت هڪ لک روپين جي مچلڪن عيوض عمران خان جي 3 مئي تائين ضمانت منظور ڪري ورتي

پي ٽي آءِ چيئرمين سخت سيڪيورٽي انتظامن هيٺ ڳاڏين جي قافلي جي صورت ۾ لاهور کان اسلام آباد پهتو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ادارن خلاف بغاوت لاءِ پڙڪائڻ واري ڪيس ۾ عمران خان جي ضمانت منظور ڪري ورتي عدالت هڪ لک روپين جي مچلڪن عيوض عمران خان جي 3 مئي تائين ضمانت منظور ڪري ورتي. پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسمبلي ٽوڙڻ جي مطالبي جو ڪو به جواز ناهي: نواز شريف

پي ٽي آءِ جا مطالبا ڳڏيل 20 سالن کان سيني جي سامهون آهن

تحريڪ انصاف جي مطالبي جي ڪا پڄاڻي ناهي

لنڊن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مياں نواز شريف چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي مطالبن جو ڪو به بنياد ناهي حڪومت سان ڳالهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سوڊان مان 149 پاڪستاني بحفاظت ڪراچي پهچي ويا

پاڪستانين جو هي پهريون گروپ هو جيڪو سوڊان کان پاڪستان پهتو : پرڏيهي آفيس ترجمان

وزيراعظم شهباز شريف سوڊان مان پاڪستانين کي ڪڍڻ لاءِ پوري ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو

وزيراعظم سوڊان جي بندرگاهه تي 847 پاڪستانين جي بحفاظت آمد تي به اطمينان جو اظهار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سوڊان مان 149 پاڪستاني، جهڙپ ۽ پرتشدد ڪارروايون ۾ ڦاٿل، بحفاظت ڪراچي پهچي ويا، پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب پاڪستانين جو هي پهريون گروپ هو جيڪو سوڊان کان پاڪستان پهتو ترجمان موجب شهرين کي بحفاظت وطن واپس آڻڻ اسان جي اولين ترجيح آهي ان کان علاوه وزيراعظم شهباز شريف سوڊان مان پاڪستانين کي ڪڍڻ لاءِ پوري ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ آپريشن ۾ حصو وٺندڙ آءِ ايس آءِ سميت سمورن فورسز جو شڪريو ادا ڪيو وزيراعظم سوڊان جي بندرگاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ اڪنامڪ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ٿي رهيو آهي

اليڪشن فنڊ: ڪميشن رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي

اليڪشن ڪميشن طرفان فنڊن جي فراهمي بابت رپورٽ ڳڏيل رات جمع ڪرائي وئي : ذريعا

اليڪشن ڪميشن جي 2 صفحن تي ٻڌل پيش رفت رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته فنڊز نه مليا آهن

اليڪشن ڪميشن سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪيو آهي ته چونڊن لاءِ فنڊ نه ملي سگهيا آهن

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن لاءِ فنڊز جي فراهمي بابت رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن طرفان فنڊن جي فراهمي بابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايف آءِ اي فرخ حبيب کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪي ڇڏيو

فرخ حبيب پي آءِ اي جي اڏام ذريعي دبئي وڃي رهيو هو ته ايف آءِ اي کيس روڪيو

فرخ حبيب جو نالو اسٽاپ لسٽ ۾ شامل ٿيڻ سبب روڪيو ويو آهي : ذريعا

گهرواري جي جگر جو ٽرانسپلانٽ ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهي، ايف آءِ اي مون کي روڪيو: فرخ حبيب

لاهور (م د) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فرخ حبيب کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، فرخ حبيب پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

تحريڪ انصاف اڳواڻ فرخ حبيب (فائيل فوٽو)

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 8 پئسا مهانگو ٿي ويو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 283 رپيا 92 پئسا تي بند ٿيو

اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 41,463 پوائنٽس تي بند ٿيو

ڪراچي (رپورٽر) انٽربئنڪ ۾ اڄ ڪاروبار جي شروعات تي آمريڪي ڊالر مهانگو ٿي ويو آهي، انٽربئنڪ ۾ ڊالر 8 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪليوشن جي گرفتاري ڀارت جي دهشتگردي جو ثبوت آهي: ترجمان

ڀارتي پرڏيهي وزير جا تازا بيان غير ضروري ۽ بي بنياد آهن : ممتاز زهرا بلوچ

سوڊان کان جده پهچندڙ پاڪستاني به آهن، پاڪستان آندو پيو وڃي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته ڪليوشن جي گرفتاري پاڪستان ۾ ڀارت جي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار بريفنگ ڏئي رهي آهي

وڏي وزير ڪورنگي ۾ ٻارن جي اسپتال جو افتتاح ڪري ڇڏيو

هي اسپتال ڪورنگي ضلعي جي عوام لاءِ پيپلز پارٽي حڪومت جو تحفو آهي : مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت ڪورنگي لاءِ ٽرانسپورٽ جي سهولت بهترين روڊ انفرااسٽرڪچر فراهم ڪيو آهي

اسپتال ۾ ٻارن جي سنيال يونٽ، جنرل پيڊياٽرڪس، بحالي ڪاتي، فارميسي ۽ ليب جون سهولتون موجود آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪورنگي نمبر 5 ۾ ٻارن جي اسپتال جو افتتاح ڪيو ترجمان موجب وڏي وزير سنڌ اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

وڏو وزير ڪورنگي ۾ ٻارن جي اسپتال جو دورو ڪندي

سلامتي ڪائونسل جو طالبان کان عورتن تان پابنديون هٽائڻ جو مطالبو

ڳڏيل قومن فوري طور تي عورتن خلاف ڪنيل قدم واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

سلامتي ڪائونسل افغان طالبان جي قدمن کي عورتن ۽ ڇوڪرين جي حقن جي خلاف قرار ڏنو

نيويارڪ (م د) ڳڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل افغان طالبان کان عورتن جي خلاف کنيل قدم فوري طور تي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو ڪو به تصديق ٿيل ڪيس ناهي: عذرا

ڪراچي ۾ هن وقت منڪي پوڪس جو ڪو به تصديق ٿيل ڪيس ناهي، لياري جي هڪ ٻار ۾ منڪي پوڪس جي شڪي ٽيسٽ ڪئي وئي آهي

رپورٽ اچڻي آهي، گهڻو امڪان آهي ته اهو ئي ڪيس آهي. ٻار کي ڪڪڙ جي بيماري آهي

ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن 1000 منڪي پوڪس ڪٽس فراهم ڪيون آهن، منڪي پوڪس بابت الرٽ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت واري وزير عذرا فضل پيچوهو ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ منڪي پوڪس جي ڪنهن به ڪيس جي ترديد ڪري ڇڏي آهي ڪراچي ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي صحت واري صوبائي وزير چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: سنڌ جي صحت واري وزير عذرا فضل پيچوهو صحافين سان ڳالهائي رهي آهي

عدالت ڊاڪٽر عامر لياقت حسين جي قتل ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست تي فيصلو ٻڌائي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ايسٽ جي عدالت ڊاڪٽر عامر لياقت حسين جي قتل ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي دانيا شاهه جي درخواست رد ڪري ڇڏي آهي، درخواستگذار جو موقف هو ته عامر لياقت حسين کي 22 فيبروري 2022 ع جو ڪجهه اڻڄاتل ماڻهو 25 ڪروڙ رپيا ڏنا هئا، هنن رقم جي وصولي وقت ويو ناهي هئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جي ڊي سي پاران ملير ۾ مفت ڊائلسز سينٽر جو افتتاح

هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جا مريض الڳ الڳ مشينن تي ڊائلسز ڪرائي سگهندا

فري ڊائلسز سينٽر قائم ڪرڻ جي ڊي سي جي وڏي ڪاميابي آهي: ناصر حسين شاهه

ڪراچي (رپورٽر) جي ڊي سي فائونڊيشن پاڪستان ملير ۾ مفت ڊائلسز سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي. افتتاحي تقريب ۾ خاص مهمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ناڪارا جنگي سامان، باجوا جو بيان غلط پيش ڪيو ويو: ترجمان

اڳوڻي آرمي چيف جو بيان پاڪستان جي مستقبل کي خطري کان ٻاهر پيش ڪيو ويو

پاڪ فوج جي جنگي تيارين بابت ميڊيا ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي، اهي ڳالهيون اڳوڻي آرمي چيف جي انٽرويو جي حوالي سان ٿيون

پاڪ فوج هميشه پنهنجي آپريشنل تيارين ۽ انتهائي جنگي صلاحيت تي فخر ڪيو آهي

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج جي شعبي آءِ ايس پي آر اڳوڻي آرمي چيف جي بيان تي ردعمل جو اظهار ڪيو آهي، آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اڳوڻي آرمي چيف جو بيان پاڪستان جي مستقبل کي خطري کان ٻاهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اي اين پي پاران پي ٽي آءِ کي اي پي سي ۾ شرڪت جي دعوت

عوامي نيشنل پارٽي جي آل پارٽيز ڪانفرنس 3 مئي تي ٿيندي

ملڪ جو بنيادي مسئلو معيشت، دهشتگردي ۽ سياسي صورتحال آهي : زاهد خان

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) عوامي نيشنل پارٽي (اي اين پي) تحريڪ انصاف کي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏئي ڇڏي، اي اين پي ترجمان زاهد خان ۽ سينيٽر اڳواڻ ميان افتخار حسين به عمران خان سان زمان پارڪ ۾ ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: قومي اسيمبلي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان اي اين اي آفتاب شعبان ميراڻي ملاقات ڪندي

مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريلي، سيمينار

ڪراچي (رپورٽر) مليريا ڪنٽرول پروگرام ضلعي ايسٽ پاران مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريلي ۽ جاڳرتا سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ايسٽ ڊاڪٽر شڪيل قريشي، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پريونٽو ڊاڪٽر شمس جوکيو، ڊاڪٽر انيلانور، فوڪل پرسن وي بي اين ڊاڪٽر علي رضا ڪئي ريلي ۽ سيمينار کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان نڪتل جاڳرتا ريلي جو ڏيک

پنجاب پوليس جو ترجمان پٽ سميت گرفتار

پوليس جي پبلڪ رليشن آفيسر ناياب حيدر کي سندس پٽ سميت گرفتار ڪيو ويو

نياب حيدر کي حساس اداري جي آفيسر تي تشدد ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي : پوليس

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور ۾ پنجاب پوليس جي پبلڪ رليشن آفيسر (پي آر او) نياب حيدر کي سندس پٽ سميت گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب نياب حيدر کي حساس اداري جي آفيسر تي تشدد ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ پهريون پيرو منڪي پوڪس جو شڪي ٻار سامهون اچي ويو

لياري جي رهواسي 7 ورهين جي مزمل کي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو

ٻار جو پيءُ چوي ته متاثر ٻار جي ڪا به سفري تاريخ ناهي: اسپتال انتظاميه

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پهريون پيرو منڪي پوڪس جو شڪي ٻار سامهون آيو آهي، لياري جي رهواسي 7 ورهين جي مزمل کي اين آءِ سي ايچ جي آئسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي، اسپتال انتظاميا موجب اين آءِ سي ايچ ۾ 7 بسترن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران گم ٿيل ماڻهو جي بازيابي جي درخواستن تي ٻڌڻي

جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ۽ جسٽس شمش الدين عباسي تي ٻڌل بئنچ ٻڌڻي ڪئي

چيف سيڪريٽري، جي سنڌ ۽ گهروکاتي جي سيڪريٽري تي نوٽيس جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ۽ جسٽس شمش الدين عباسي تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ گم ٿيل ماڻهو جي بازيابي جي درخواستن جي ٻڌڻي دوران عدالت پوليس جي سمورين رپورٽس رد ڪري ڇڏيون آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پوليس منشيات خلاف گرينڊ آپريشن جو آغاز ڪري ڇڏيو: شرجيل ميمڻ

منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف مهم دوران پوري ضلعي ۾ 119 ڪيس داخل ڪيا ويا

منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف 2 ڪيس سٽي ٿاڻي ۾ داخل ۽ 2 ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويو

قاسم آباد ۾ 7 ڪيسن ۾ 10 ماڻهو، نسيم نگر ۾ 5 ڪيسن ۾ 5 ڌوهاري، بلديا ٿاڻي ۾ 4 ڪيسن ۾ 5 ماڻهو گرفتار ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته حيدرآباد پوليس ۽ انتظاميا مين پوري، گٽڪي ۽ ٻئي منشيات خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پاڪستان ۾ هن سال به تيز برسات ۽ ٻوڏ جو خطرو آهي: گڏيل قومون

پاڪستان انهن 20 ملڪن ۾ شامل آهي، جيڪي تيز برسات جي خطري کي منهن ڏئي رهيا آهن

جون ۾ مختلف ملڪن ۾ تيز برسات ۽ ٻوڏ سبب خوراڪ جي کوٽ جو خدشو آهي

پاڪستان کان علاوه افغانستان، ايران، تاجڪستان، ترڪمانستان ۽ ترڪي ۾ به تيز برسات جو خطرو آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) گڏيل قومن جي گلوبل انفارميشن ارلي وارننگ سسٽم جي رپورٽ موجب پاڪستان ۾ هن سال به تيز برسات ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ڪئپٽن رٽائرڊ سعيد لغاري جي صدارت هيٺ امڪاني برسات جي تيارين بابت اهم اجلاس

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڪشمور ڪئپٽن رٽائرڊ سعيد لغاري جي صدارت هيٺ امڪاني برسات جي تيارين بابت اهم اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ضلعي ڊگهڻ جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنر سميت ڪي ايم سي، ڊي ايم سي سائرٽ ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

چيف سيڪريٽري سنڌ سان چيني قونصل جنرل جي ملاقات

ملاقات دوران زراعت ۽ ٽيڪنالاجي جي شعبن ۾ ڪم ڪرڻ تي اتفاق

زراعت جي شعبن ۾ چيني ڪمپنين ۽ واپارين لاءِ سيڙپڪاري جا تمام سٺا موقعا موجود آهن: ڊاڪٽر سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان چين جي نئين قونصل جنرل يانگ يونڊونگ جمع ڏينهن سنڌ سيڪريٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

واشنگٽن: آمريڪا ۾ مقرر پاڪستاني سفير مسعود خان تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ حس بجا جي حوالي سان غلط درخواست داخل ڪرڻ خلاف ٻڌڻي نه ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) حس بجا جي حوالي سان غلط درخواست داخل ڪرڻ جي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اهم آبزوريشن ڪندي چيو آهي ته اهڙين داخل درخواستن سماج جي خلاف اخلاقي پستي جي عڪاسي ڪنديون آهن عدالت پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

چڙيا گهر ۾ سمورن جانورن جو طبي معائنو ڪرائڻ جو فيصلو

فورياز ٽيم چيتن ٽائيگرن جو طبي معائنو ڪرڻ بعد رت جا نمونا وٺي ڇڏيا

فورياز ٽيم پاران جانورن جون زندگيون بچائڻ لاءِ مختلف اپاءَ تجويز ڪرڻ تي غور ويچار

ڪراچي (رپورٽر) چڙيا گهر ۾ نورجهان هاٿڻ جي مرڻ کانپوءِ ٻين جانورن جون زندگيون به خطري ۾، سمورن جانورن جو طبي معائنو ڪرائڻ جو فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ ڪوڙي شريف جا رهواسين پاران فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش رکي ڌرڻو

پير شڪيل جي اڳواڻيءَ ۾ نيشنل پريس ڪلب اڳيان ننڍڙي مختيار اجو لاش رکي مظاهرو ڪيو ويو

ڊاڪٽر اسان کان 25 هزار فيس به ورتي مگر غلط آپريشن ٿيڻ ڪري اسان جي ٻائڙي فوت ٿي آهي: مظاهرين

فورن ڊاڪٽر پريل خلاف قدم کڻي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ور نه اسان سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿينداسين

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڳوٺ ڪوڙي شريف جا رهوسي پير شڪيل جي اڳواڻيءَ ۾ نيشنل پريس ڪلب اڳيان ننڍڙي مختيار اجو لاش رکي احتجاج ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڊاڪٽر پريل ٽگراسان سان ظلم ڪيو آ غلط آپريشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ ڪوڙي شريف جا رهواسين پاران فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش رکي احتجاج ڪيو ويو

گهارو پوليس جون ڏوهارين
۽ منشيات فروشن خلاف
ڪاروايون جاري

گهارو (رپورٽ: بشام جوکيو) گهارو پوليس جون ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪاروائيون جاري الٺو ڪار ۾ آنڊين گنڪو ۽ چنگان ڪاروان وين ۾ گنڪو متيريل سپلاءِ ڪرڻ جون ڪوشش ناڪام 5500 پيڪٽ آنڊين سفينا گنڪو 1800 ساشي راجا جاني ظفر شاهجهان پتي 46 ڪلو ڪاٿو 80 ڪلو ردي 500 پيڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

محرابپور پوليس ۽ چورن وچ ۾ مبينا مقابلو، فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڦورو زخمي

محرابپور ڏيپارجا لنڪ روڊ لانگڙچي شاخ تي چورن طرفان رستي ويندڙن کان ڦر ڪئي

فائرنگ ڪري ڏني پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڦورو گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿي پيا

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامتيو) محراب پور لانگڙچي شاخ ڏيپارجا روڊ تي پوليس ۽ ڏوهارين وچ ۾ مقابلو پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ٻن ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو وين زخمي ڏوهارين کي اسپتال منتقل ڪيو وين ڏوهارين جي سڃاڻپ صوفائي سهتا جا رهائشي وقار سهتو، وسيم سهتو طور ٿي آهي. پوليس... ايس ايچ او محرابپور مير امداد ٽالپر ڏوهارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مورو شهر جي نوراني ڪالوني واسي ناري مبينا طور اغوا، وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

ناري مبينا طور اغوا واري واقعي خلاف مورو پريس ڪلب احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

محمد حسن خاصخيلي، سس مسمات ماروي، امڙ مسمات بشيران، مڙس مرتضيٰ شامل

ڳولا ۾ مدد ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو شهر جي نوراني ڪالوني واسي ناري مبينا طور اغوا ٿيڻ تي وارثن پاران مورو پريس ڪلب احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ناري جي سهري محمد حسن خاصخيلي، سس مسمات ماروي، امڙ مسمات بشيران، مڙس مرتضيٰ، معصوم ٻارڙن ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

روهڙي جي ڪوٽ مير
يعقوب علي شاهه ۾ اي سي
روهڙي پاران ڪارروائي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) روهڙي جي ڪوٽ مير يعقوب علي شاهه ۾ اي سي روهڙي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

مورو شهر جي نوراني ڪالوني واسي ناري مبينا طور اغوا، وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

بدين جي واهن ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جو صلاحڪاري اجلاس

اجلاس ۾ گل محمد گرگيز محمد خان عرف مامو خاصخيلي رئيس جمع خان بروهي محمد حسن چانديو شريڪ

اجلاس بعد علائقي ۾ پاڻي جي کٽ کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻون هڻي شديد نعريبازي ڪئي وئي

نوٽيس وٺي ايريگيشن عملدارن خلاف قدم کنيو وڃي پاڻي تي ٽيندڙ بليڪ ميلنگ بند ڪئي وڃي: مظاهرين جون ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي واهن ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جو صلاحڪاري اجلاس ڪيڻ شهر ۾ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اڳواڻ عبدالغفور چانديو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ گل محمد گرگيز محمد خان عرف مامو خاصخيلي رئيس جمع خان بروهي محمد حسن چانديو همير نهڙيو محمد اسماعيل بروهي عبدالحڪيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز اندر وڏندڙ گٽرن جي گندي پاڻي جون خبرون هلڻ تي صحافين کي ڌمڪيون

ڊي سي شاهزيب شيخ جو پي اي ياسين پٺي صحافين مٿان ڏمرجي موتمار ڌمڪيون لڳڻ لڳو

سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

شاهزيب شيخ ۽ پي اي ياسين پٺي کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ته لاڀ حاصل ٿي سگهي: شهري

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز شهر اندر وڏندڙ گٽرن جي گندي پاڻي ۽ گندگي خلاف خبرون هلائڻ تان ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ جو پي اي ياسين پٺي صحافين مٿان ڏمرجي موتمار ڌمڪيون لڳڻ لڳو صحافين کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثيه جماعت سهروردي رح جو
فقير انور علي جروار بيماري سبب
لاڏاڻو ڪري ويو

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود پٺو) غوثيه جماعت سهروردي رح جي فقير ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي يونين ڪائونسل پير بخش پٺو جي ڳوٺ خانواهه جي ورڪر هادي بخش جروار جو پاءُ غوثيه جماعت سهروردي رح جي فقير انور علي جروار 32 سالن جي ڄمار ۾ بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازا نماز ڳوٺ خانواهه جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز اندر وڏندڙ گٽرن جي گندي پاڻي جون خبرون هلڻ تي صحافين کي ڌمڪين خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي ڪاروباري ڪميٽي جي گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ مختلف ايجنڊائن تي غور ويچار ۽ بحث مباحثي بعد اهم فيصلا ڪيا ويا

هر قسم جون ادبي سرگرميون مستقل ۽ ماهوار بنيادن تي جاري رکيون وينديون: عاشق علي

جمال ناصر سولنگي، امداد علي "ارمان" خاصخيلي، گل محمد سومرو، پير ماجد جان سرهندي شريڪ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي ڪاروباري ڪميٽي جي گڏجاڻي ناميار شاعر عاشق علي ڳاهي جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ مختلف ايجنڊائن تي غور ويچار ۽ بحث مباحثي بعد اهم فيصلا ڪيا ويا. گڏجاڻي ۾ شاخ جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري ۽ خزانچي گل خاصخيلي پنهنجون رپورٽون پيش ڪيون، جن تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

مليريا ڪنٽرول پروگرام ضلعي ايسٽ پاران مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ريلي

مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان انتظاميا پاران جاڳرتا ريلي ۽ جاڳرتا سيمينار ڪوٺايو ويو

مليريا وبائي مرض آهي جيڪو مڇرن مان جنم وٺي ٿو ۽ مڇر اس پاس جي گندي پاڻي مان پيدا ٿين ٿا: ڊاڪٽر

بيٺل گندي پاڻي جو خاتمو آڻجي جيئن مڇر پيدا ٿي نه سگهن ۽ رات جو سمهڻ وقت مڇرداني استعمال ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) مليريا ڪنٽرول پروگرام ضلعي ايسٽ پاران مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان جاڳرتا ريلي ۽ جاڳرتا سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن جي اڳواڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ايسٽ ڊاڪٽر شڪيل قريشي، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پريوينٽو ڊاڪٽر شمس جوکيو، ڊاڪٽر انيلا نور، فوڪل پرسن وي بي اين ڊاڪٽر علي رضا ڪئي ريلي ۽ سيمينار کي خطاب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪوٽڙي ريلوي لائين تي
مسافر ريل گاڏين جي
بحالي لاءِ دادو ۾ احتجاج

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) روهڙي، لاڙڪاڻو دادو، ڪوٽڙي ريلوي لائين تي مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ سيتا سرجڻهار فورم جي سڏ تي اڄ 97 ڏينهن به مشهور ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ سيتاروڊ رحماني نگر ريلوي اسٽيشن تي احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي مشهور ميمڻ، اويس علي ميمڻ، دودو سومرو، امجد علي ڪوسو، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي: مليريا ڪنٽرول پروگرام ضلعي ايسٽ پاران مليريا جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ريلي جو ڏيک

ملير ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال ۾ ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي واڪ

ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر شاهد ڀٽ ايم ايس ڊاڪٽر صالح محمد ڏيپر ايڊمنسٽريٽر پاران ريلي

ٽي بي جي مريضن جو مفت علاج ڪيو وڃي ٿو ٽي بي جو علاج مڪمل ڪيو وڃي: شاهد ڀٽ

واڪ ڪرڻ سان ٽي بي جي اويرنيس ملندي ته جيئن ملير مان ٽي بي جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) ملير ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال ۾ ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي موقعي واڪ ڪيو ويو واڪ ۾ چيسٽ اسپيشلسٽ ڊسٽرڪٽ ٽي بي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر شاهد ڀٽ ايم ايس ڊاڪٽر صالح محمد ڏيپر ايڊمنسٽريٽر شجاعت حسين پي پي ايڇ آئي ڪرن جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ميمڻ ۽ ٻين واڪ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر شاهد ڀٽ ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٽائي جي حد اندر ڪمپيوٽر ٽيچر کان ڦر

ڀلڪاٽي لاڙي وٽ هٿياربند وسيم عباس گولو کان موٽر سائيڪل ڦري ويا

هٿيارن جي زور تي روڪي 20 هزار روڪ موبائل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪيو ويو: استاد

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: امداد بنگوار) ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر ڪمپيوٽر ٽيچر کان ڦر، ڪنڌڪوٽ لڳ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڀلڪاٽي لاڙي وٽ هٿياربند وسيم عباس گولو کان موٽر سائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اوباوڙو ۾ مرڪز ولايت علي عليه طرفان ريلي ڪڍي وئي

ڪارڪنن رضوان حيدر شاهه بخاري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

بي بي فاطمه زهره ۽ آل رسول جي قبرمبارڪن جي مٿان روزه تعمير ڪرايا وڃن: اڳواڻ

اوباوڙو (رپورٽ: غلام علي رند) اوباوڙو سڄي ملڪ جيان مرڪز ولايت علي عليه طرفان سيد رضوان حيدر شاهه بخاري ضلع صدر مولانا عامر عباس درويش ڊسٽرڪٽ جنرل سيڪريٽري زوار حاجي شوڪت حسين رندتعلقي صدر ممبر حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوباوڙو ۾ مرڪز ولايت علي عليه طرفان ريلي ڪڍي وئي

هاءِ ڪورٽ جو وڪيل امر جماڻي ميمڻ هيومن رائيٽس ڊولپمينٽ جو جنرل سيڪريٽري مقرر

هيومن رائيٽس ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن (رجسٽرڊ) طرفان سنڌ لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو

نائب صدر لاءِ شفيع مسعود، ۽ آفيس سيڪريٽري لاءِ اورنگزيب هڪڙو کي پڻ مقرر ڪيو ويو آهي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ٽاليوارو وڪيل امر جماڻي ميمڻ انساني حقوق واري مشهور تنظيم پاڪستان هيومن رائيٽس ڊولپمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدلائي شهر پرسان وڏيڪ 2 ڳوٺاڻا اغوا، اختياريون خاموش تماشائي ٻڻيل

گنديرو جا رهواسي شڪيل احمد خالطي ۽ برڪت علي خالطي هٿياربندن اغوا ڪيو

پوليس ملندي تي ڏاڙيلن خلاف پيچ پوچي جي علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري چڪيو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: امداد بنگوار) ڪنڌڪوٽ شڪيل احمد خالطي ۽ برڪت علي خالطي کي بدلائي شهر پرسان ... اغوا ڪيو ويو آهي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دڙو ۾ ٿيل خوني جهيڙي ۾ زخمي ٿيل نوجوان ڪراچي اسپتال ۾ فوت

فوت ٿيل نوجوان اسلم جاڏاڻي جي تدفين دڙو جي آبائي قبرستان پير قل باداشاهه ۾ ڪئي

فوتي نوجوان اسلم جاڏاڻي کي 6 ٻارن جو والد آهي ۽ ٻاڻ دڪان تي مزدوري ڪندو هو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ ٿيل خوني جهيڙي ۾ زخمي ٿيل نوجوان ڪراچي اسپتال ۾ فوت ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو: خوني جهيڙي ۾ گولي لڳڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ دائيداڻو محلا جي رهواسي عورتن جو احتجاجي مظاهرو

مسمات شبانه ، دائيداڻو مسمات رخسانه دائيداڻو، مسمات فوزيه پاران احتجاج ڪيو

غريب پورهيت گهروارن جي حصي ۾ ايندڙ زرعي زمين تي قبضو ڪيو ويو آهي: مظاهرين

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان دائيداڻو محلا جي رهواسي عورتن جو پنهنجي مڙسن جي زرعي زمين تي پائرن پاران مبينه قبضو ڪرڻ واري عمل خلاف مسمات شبانه ، دائيداڻو مسمات رخسانه دائيداڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

قومي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ ڪامريڊ خان محمد سومرو کي مبارڪون جاري

سياسي سماجي ادبي ۽ صحافي برادري ڪيس گلن جا هار پارائي آجيان ڪئي

اياز لطيف پليجو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو ۽ ٻين مبارڪون ڏنيون

ڪراچي (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ آهي ڪامريڊ خان محمد سومرو عمري پاڪ جي سعادت حاصل ڪرڻ بعد جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي پهتو جتي سنڌس عزيزن دوستن پارٽي اڳواڻن، سياسي سماجي ادبي ۽ صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪراچي: قومي عوامي تحريڪ جو اڳواڻ ڪامريڊ خان محمد سومرو کي مبارڪون جاري آهن

ٽنڊو محمد خان جي مختلف علائقن بلڙي شاهه ڪريم ۽ ٻين علائقن ۾ برسات

علائقن ۾ زوردار برسات جو وسڪار شهر جا ڪيترائي علائقا برساتي پاڻي هيٺ اچي ويا

برسات بعد ڪيترن ئي علائقن ۾ برسات جو پاڻي روڊن رستن تي 2. کان 3 فٽ بيهجي ويو

ٽنڊومحمدخان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊومحمدخان ضلعي جي مختلف علائقن بلڙي شاهه ڪريم ٽنڊوغلا حيدر شيخ پرڪيو راڄو نظاماڻي ڊگ ۽ ٻين علائقن ۾ زوردار برسات جو وسڪار شهر جا ڪيترائي علائقا برساتي پاڻي هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڌڪوٽ ۾ انڊس هاءِ وي فوجي چوڪي زور ڳڙهه کان روڊ جي حالت خراب

خان جکراڻي تائين سوين ڳوٺن تي مشتمل روڊ 25 سالن کان زبون حالي جو شڪار آهي

ڪرپٽ ٺيڪيدار قيوم مزاري سردار سليم جان مزاري جو خاص ماڻهو آهي: ساڃاهه وند

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ انڊس هاءِ وي فوجي چوڪي زورڳڙهه کان ڳوٺ سخي منهل خان جکراڻي تائين هزارين ڳوٺن تي مشتمل روڊ 25 سالن کان زبون حال جو شڪار آهي مس مس روڊ جو ٽريندبر پاس ٿيو ته روڊ ٺيڪيدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهرو فيروز جو تعليمي ماهر غلام مصطفيٰ ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول جو اڳوڻو هيڊ ماسٽر غلام مصطفيٰ دم ڏنو

جنازي نماز ۾ سندس سوين شاگردن، شهرين، مٽ مائٽن ۽ استادن شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز جو تعليمي ماهر ۽ تاريخي گورنمينٽ مدرسه هاءِ اسڪول جو اڳوڻو هيڊ ماسٽر غلام مصطفيٰ ميمڻ ڪجهه وقت بيمار رهڻ ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي آخري رسمن ۽ جنازي نماز ۾ سندس سوين شاگردن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ملير ميمڻ ڳوٺ سرڪاري اسپتال ۾ ٽي بي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي واڪ ريلي جو ڏيک

ڪنڌڪوٽ ۾ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن پاران بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن پاران گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين تائين ڪيو ويو، شديد نعريبازي ڪئي وئي

فدا محمداڻي سجاد بروهي ارصلاح ڀلڪاٽي، دلمراد ڏاهاٽي، غلام مصطفا ميراڻي ۽ ٻين پاران مظاهرو

وک وک تي گلن جي ورڪا ڪري امن جي بحالي لاءِ ۽ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: امداد بنگوار) ڪنڌڪوٽ قومي عوامي تحريڪ ضلعي ڪشمور پاران ضلعي ڪشمور اندر انتها درجي جي بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو مظاهرين پوري ضلع اندر بدامني، اغوا ين، ڌاڙن، عورتن ۽ معصوم ٻارن جي اغواين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نابالغ ڇوڪرين جو جبري مذهب
تبديل ڪري شاديون ڪرايون وڃن
ٿيون: صابر مائيڪل

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) اقليتي برادري پاران پريس ڪلب سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر صابر مائيڪل ۽ بشپا ڪماري چيو آهي ته نابالغ اقليتي ڇوڪرين جو جبري مذهب تبديل ڪري شاديون ڪرايون وڃن ٿيون رضا مندي سان مذهب تبديل ڪرڻ تي اسان کي ڪوبه اعتراض ناهين منظر نموني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڌڪوٽ ۾ قومي عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن پاران بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌي هاري تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي نائب صدر رامجي ڪولهي جي ياد ۾ تقريب

رامجي ڪولهي پنهنجي سموري حياتي پورهيت طبقي لاءِ فڪر رسول کي ڦهلايو: لال جروار

خوراڪ کاتي جي نااهلي سبب ڪٽڪ جي اٽي جو وڏيڪ شديد بحران اچڻ جو خدشو آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) سنڌي هاري تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي نائب صدر رامجي ڪولهي جي ياد ۾ سانگي ڦرهو ۾ تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته رامجي ڪولهي پنهنجي سموري حياتي پورهيت طبقي لاءِ فڪر رسول بخش پليجو جي روشني ۾ جهر جهنگ وچي عوامي هلچل پيدا ڪئي ڪيس سرخ سلام پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اميد آهي پوليو مهم ۾ ٽيمون هر ممڪن ڪوشش ڪنديون: ڊي سي دادو

ٽيم ورڪ طور ڪم ڪنديون ۽ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پياري مهم کي ڪامياب ڪنداسين

سپروائيزر جي ٽريننگ ٽيمن جي ٽريننگ يو پيڪ ميٽنگ ڪم جو مائڪرو پلان تيار آهي: عملدار

ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري ڪم ۾ پوليو جي ڦڙن پيارڻ وارين ٽيمن سان تعاون ڪن: ڳالهيون

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه چيو آهي ته اميد آهي ... پوليو مهم ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سرڪاري ڪاٽن جي آفيسن ۽
سماجي ڀلائي وارن ادارن جي
نمائندن کي اڳتي اچڻ: ڊي سي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ سومرو) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: ڊي سي جي صدارت هيٺ اجلاس جو ڏيک

بدين ۽ ٽنڊو شهر ۾ ڦرجي ٻن وارداتن ۾ هٿياربندن پاران هوٽل مالڪ گوليون هڻي زخمي

هٿياربند پيٽرول پمپ ۽ بدين شهر ۾ هوٽل مالڪ کان ڦر ڪري ڪيس گوليون هڻي فرار ٿي ويا

ٽيل پريندڙ ملازم کي پسٽل جي زور تي يرغمال بڻائي هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري ڀڄي ويا

جوابدارن جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ هٿ آيل موٽر سائيڪل جي مدد سان ڳولا ڪري رهي آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۽ ٽنڊو شهر ۾ ڦرجي ٻن وارداتن ۾ ڦورو آئي جي سنڌ جي پيٽرول پمپ ۽ بدين شهر ۾ هوٽل مالڪ کان ڦر ڪري ڪيس گوليون هڻي فرار ٿي ويا تفصيل موجب ٽنڊو شهر ۾ آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي پيٽرول پمپ تي گذريل رات دير سان ٻن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن چڙهائي ڪري پمپ تي موجود ٽيل پريندڙ ملازم کي پسٽل جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بُلڙي شاهه ڪريم لڳ ملاڪاتيار ڳوٺ جُمعون ڪاتيار جي رهواسي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

محمد عيسيٰ ڪاتيار ڪامريڊ عبدالصمد ڪاتيار حاجي هارون ڪاتيار احتجاجي مظاهرو ڪيو

ڪوري برادري جي ماڻهن ڪاتيار برادري جي بي گناهه نوجوان کي قتل ڪيو آهي: مظاهرين جو الزام

محمد اشرف ڪاتيار ڪراچي ۾ بيگناهه قتل ڪيو ويو ته سڄي سنڌ جي ڪاتيار برادري سراپا احتجاج هئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ جُمعون ڪاتيار جي رهواسي بي گناهه قتل ٿيل نوجوان امجد راجا ڪاتيار کي انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪاتيار هائوس ڳوٺ جهنگ ڪاتيار ۾ ڪاتيار اتحاد سنڌ جي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

بلڙي شاهه ڪريم لڳ ملاڪاتيار ڳوٺ جُمعون ڪاتيار جي رهواسي جا جوابدار گرفتار نه ٿيا

دادو ويجهو تاريخي شهر پاٽ
جي رهواسڻ بيواهه عورت پاران
احتجاجي مظاهرو

دادو (ن سنڌيار) دادو ويجهو تاريخي شهر پاٽ جي رهواسڻ بيواهه عورت حميده زال نظير احمد ميمڻ پنهنجي 2 پٽن عبدالسميع ۽ عبدالسعيد ميمڻ سان گڏ دادو پريس ڪلب ٻهچي روئيندي دانهيو ته مڙس جي وفات ڪان پوءِ منهنجا 3 پٽ هرهڪ عبدالحميد ميمڻ جيڪو پوليس کاتي ۾ آهي. عبدالله ميمڻ جيڪو نيو دادو شگر ملز پيارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪلرڪ برادري مٿس اعتماد جو اظهار ڪري ذميواري سونپي آهي: محمد اشرف خشڪ

تنظيم کي بهتر طريقي سان نيائي ڪلرڪ برادري جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪرايا ويندا

مرف اين جي اوز سرڪاري اسپتالن جي ذميواري سنڀالي اهي اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ برقرار آهي

ڪلرڪ برادري کي سنڌن سينارٽي، اپ گريڊيشن سميت برابري جي بنيادن تي حق ملي سگهيا آهن

ٺٽو (ڊ ر) آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئشن اپڪا ضلعي ٺٽي جي نئين چونڊيل اپڪا ضلعي ٺٽي جي صدر حاجي محمد اشرف خشڪ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ضلعي ٺٽي جي ڪلرڪ برادري جيڪو مٿس اعتماد جو اظهار ڪري ڪيس ذميواري سونپي آهي. ان کي بهتر طريقي سان نيائي ڪلرڪ برادري جا سمورا مسئلا بنا فرق جي حل ڪرايا ويندا، حاجي اشرف خشڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو ساموندي پٽي ۾ قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو

ساحلي پٽي سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي شڪار تي پڻ پابندي لڳائي وئي آهي: ڊي سي

ٺٽي جي مختلف علائقن جنهن ۾ چليا . ڪينجهر ڍنڍ ۽ پناڻ ڪالوني شامل آهن: غلام فاروق سومرو

برسات دوران پورهيتن قاسم جاکرو جان محمد، منٺار، محرم جاکرو جا ڪچا گهر ڊهي پٽ پئجي ويا آهن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو پاران سموري ضلعي خاص طور تي ٺٽي جي ساموندي پٽي ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ساحلي پٽي سان تعلق رکندڙ مهاڻن جي شڪار تي پڻ پابندي لڳائي وئي آهي. جنهن تحت ڪو به مهاڻو پنهنجون لانچون سمنڊ ۾ شڪار تي وڃڻ بجاءِ سمنڊ جي ڪناري تي پارڪ ڪرڻ لاءِ پابند هوندو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

علي امين گنڊاپور جي 50 هزار
رپين جي مچلڪن عيوض حفاظتي
ضمانت منظور

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي عدالت علي امين گنڊاپور جي 50 هزار رپين جي مچلڪن عيوض حفاظتي منظور ڪري ورتي، ان سلسلي ۾ علي امين گنڊاپور جي پاران فيصل گنڊاپور وڪيل ظهير بابر ذريعي عدالت ۾ حفاظتي ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪرائي . سکر جي ڦڦٽ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو ساموندي پٽي ۾ قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو

جهمپير ويجهو ڪوهستاني پٽي جي رهواسي ميهن جاکرو مان چوري جي وارادات

ڪيش رقم ۽ 35 هزار روپين کان وڌيڪ جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

واقعي بعد ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت پيرين ذريعي چورن جا پيرا کنيا پيا وڃن

قبرستان مان ڪي نامعلوم چور سولر پليٽون، بيٽري ۽ ڪيش رقم پڻ چوري ڪري ويا هئا

ٺٽو (ڊ ر) گذريل رات دير سان جهمپير ويجهو ڪوهستاني پٽي جي رهواسي ميهن جاکرو جي ڪبين جا ڪي نامعلوم چور تالا ٽوڙي ڪبين ۾ رکيل 20 هزار روپيه ڪيش رقم ۽ 35 هزار روپين کان وڌيڪ جو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا، جهمپير پوليس کي اطلاع ڪرڻ سميت ڳوٺاڻن پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت پيرين ذريعي چورن جا پيرا کنيا پيا وڃن. ۾ ڳوٺاڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ظاهر ۾ زاني، فِڪرَ منجھ فنا ٿيا؛
تنين کي تعليم جِي، ڪُڙهِ اندر ڪانِي؛
حرفُ حَقّانِي، دَورُ ڪيائون دل ۾.

مدي خارج، عوام دشمن استحصالي نظام جي تبديلي اٽل آهي

احمد خان جمالي

انگريز فاتح هئا، اسين مفتوح هئاسين. آزاديءَ جي نالي تي اسين فاتح بڻجي وياسين ۽ انگريز هليا ويا. چهرا تبديل ٿي ويا، پر ذهنيت نہ تبديل نہ ٿي. نوان حڪمران پاڻ کي انگريز سمجهڻ لڳا ۽ عام ماڻهن کي رعيت جو درجو ڏنو ويو

ساڳيو ٿي بينڪيتي مائينڊ سيٽ (ذهنيت)، اهوئي فاتح ۽ مفتوح جو رشتو ساڳي ٿي غلامي. پنهنجي باباءِ قوم، قائد ملت ۽ آزاديءَ جي ٻين اڳواڻن، اهم ترين رياستي ادارن جي عزت ڪرڻ لاءِ آرڊيننس جاري ڪيا پيا وڃن. سخت قانون ٺهندا رهيا. حڪومتون گرڊ "ڌوتي" وانگر بدلجنديون رهيون. مسئلا وڌندا رهيا. نوآبادياتي ذهنيت جي نتيجي ۾ ملڪ جي اڪثريتي آبادي وارو حصو بنگلاديش بڻجي ويو اسان پوءِ بہ فاتح رهياسين.اهو ئي ساڳيو فاتحاڻو مائينڊ سيٽ جاري رهيو. گرڊون "ڌوتيون" بدلجنديون رهيون. تہ مسئلا بہ مسلسل وڌندا رهيا. ذهني جوڙجڪ جي لحاظ سان ۽ پنهنجي پنهنجي فاتحاڻي عمل سان پنهنجو پاڻ کي "مارشل ريس" قرار ڏئي ڪري پنهنجي مخصوص سڃاڻپ تي فخر ڪرڻ ۾ تہ ڪا بہ گهٽتائي محسوس نہ ڪئي وئي، پر سنڌي، بلوچ، پختون، ڪشميري، گلگتي، بلتستاني، سرائڪي توڙي پنجابي جهڙن لفظ ٻڌڻ بہ برداشت نہ ڪيو ويو

پاڪستان اسان جي اکين تي پر اها تہ 1947 جي ڳالهہ آهي. پاڪستان کي انهن قديم تاريخي قوميتن وجود بخشيو. پاڪستان جو وجود انهن قوميتن جي ٺوري سان جڙيل آهي. اهي قومون قديم تاريخي ارتقائي عمل جي حقيقت ۽ زميني سچائي آهن. ان بحث ۾ نہ ٿا وڃون تہ پاڪستان جي ٺهڻ کي ڪيئن بگاڙي قوميتن سان ڪيل واعدي خلافي ڪئي وئي. ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ قدم قدم تي نوآبادياتي مائينڊ سيٽ رڪاوٽ بڻجندو رهيو

گذريل 75 سالن جي تاريخ سڀني جي آڏو آهي. مسئلا لڳاتار وڌندا ئي رهيا آهن. نہ تہ وفاق ۾ شامل قوميتن کي مڪمل بنيادي حقن ۽ مڪمل اختيارن سان حڪمراني جي حق جي آئيني ضمانت کي تسليم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي ۽ نہ ئي ملڪ جي اڪثريتي آبادي تي ٻڌل غريب ۽ وچولي طبقي جي بنيادي انساني حقن جي فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويو. فيڊريشن ۾ شامل قوميتن ۾ بي اعتمادي، بي اعتباري، بي چيني ۽ احساس محرومي وڌندي رهي،عام ماڻهن ۽ نوجوانن ۾ پڻ نااميدي ۽ مايوسي وڌندي رهي. حڪمران فاتح، پرڏيهي سامراجي بلاڪ جو حصو بڻجي، پاڪستان جي عوام کي غيرن جي مفادن جي لاءِ ٻارڻ بڻائيندا رهيا. پاڻ بہ خوشحال ٿي ڪري پنهنجن اثاثن ۽ ڪاروبار ۾ "برڪت" آڻيندا رهيا. پر پنهنجي هم وطنن کي مسلسل "مفتوح" سمجهندا، ۽ انهن جي ڪي دٻائيندا رهيا. جنهن سان مسئلا وڌيا ۽ بي چيني ۾ پڻ اضافو ٿيندو رهيو

رياستي ادارن جي احترام ڪرائڻ جي لاءِ بار بار يادگيري ڏياري ويندي رهي. ڪنهن جي ڇا مجال آهي جو زبردستي احترام ڪرائڻ جي هدايتن تي عمل نہ ڪري ؟ هدايتن تي عمل ڪرائڻ جي لاءِ سخت رويو ۽ بار بار حڪم خود ان حقيقت جو اعتراف آهي تہ. نہ تہ وفاق ۾ شامل قومون رضاڪاراڻي طور تي ڪنهن کي احترام جي قابل سمجهن ٿيون ۽ نہ ئي هن ملڪ جا نوجوان، شاگردن، عورتون، ملازم، پورهيت، هاري، آبادگار، ننڍا زميندار، دانشور، عوام دوست صحافي، وڪيل، پڙهيل لکيل ماڻهو ۽ عام شهري هن جبري مڙهيل نظام کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهن. چون ٿا تہ زباني ڪلامي اهو چئي ڇڏڻ سان تہ "اسان کي پنهنجي سڀني رياستي ادارن ۽ فاتحن جي لاءِ عزت ۽ احترام آهي" جيڪڏهن ڪو خوش ۽ مطمئن ٿي وڃي ٿو تہ ڪنهن کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو پر عزت ۽ احترام جو دارومدار بنيادي طرح عملي ڪردار ۽ رويي تي ٻڌل آهي. ڪنهن کي زوري زبردستي چئي سگهجي ٿو زبان بند ڪري سگهجي ٿي پر ڪنهن جي ذهن کي ڪيئن فتح ڪري سگهجي ٿو؟ هر عمل جي رد عمل کان ڪيئن انڪار ڪري سگهجي ٿو؟

ماضي ۾ هن ئي ملڪ ۾ ڇيو ويو هو تہ اسان کي ماڻهن جي نہ پر زمين جي ضرورت آهي ۽ اهڙي طرح جي رويي جو نتيجو نڪتو هو؟ خونريزي ڪير ٿو چاهي؟ ڪو بہ نہ. ڪير سڀ ڪجهہ پوئتي ڇڏي ۽ پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهڻ جو جوکم کڻڻ ٿو چاهي ؟ ڪو بہ نہ. آخر وقت گذرڻ سان گڏ پاڪستان جا مجموعي مسئلاءِ خراب حالتن ۾ لاڳيتو اضافي ٿيڻ جي سبب کي سمجهي ڪري انهن جو ازالو ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ آخر ان رستي ۾ رنڊڪ ڪير آهي؟ ڪو ملڪ دشمن نہ آهي، ڪو پرڏيهي ايجنٽ نہ آهي، ڪو غدار نہ آهي. پاڪستان هڪ گهڻ قومي فيڊريشن آهي. فيڊريشن ۾ سڀني قوميتن جي حيثيت ۽ اختيار برابري جي بنيادي تي هوندا آهن.

آئين ۾ پنهنجا پنهنجا مفادن، مراعات ۽ اختيار ايتري تائين جو عزت ۽ احترام جي خاطر ترميمون ڪري سگهجن ٿيون تہ پوءِ قوميت جي برابري جي حقن، اختيار ۽ حڪمراني جي حق کي بحال ڪرڻ جي لاءِ ترميمون ڪري ۽ سڀني قوميتن جو اعتماد بحال ڪري پاڪستان کي مضبوط ڇو نہ ٿو ڪري سگهجي ؟

آخر ملڪ جي مجموعي مسئلن کي حل ڪري انهن کي گهٽائڻ جي شروعات ڇو نٿي ڪري سگهجي.

چڱو ڀلا جيڪو ٿي ويو ان کي ڪٿي ڇڏيون ٿا،هاڻي بہ درست رخ ۾ قدم ڇو نہ نٽا ڪنيا پيا وڃن؟ "فاتح ۽ مفتوح ذهنيت" مان ڇوٽڪارو حاصل ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ ان مائينڊ سيٽ کي توهان کي مسلسل آزمائڻ جي نتيجي مان آخر سبق سکڻ کان ڪير ٿو روڪي؟ آخر هن مدي خارج عوام دشمن استحصالي نظام کي بدلائڻ لاءِ باقي ڪهڙو رستو رهجي ويو آهي؟

بايوميٽرڪ ايپ سنڌ جي تعليم تي هڪ نئون تجربو!

ڪامريڊ شاهينا لغاري

سنڌ حڪومت هاءِ ڪورٽ جي هڪ فيصلي موجب بايوميٽرڪ جي هڪ "ايپليڪيشن" کي متعارف ڪرايو آهي جنهن کي استاد پنهنجي سمارٽ فون ۾ ڊائون لوڊ ڪندا پوءِ هر ڏينهن صبح جو ان تي پنهنجي حاضري ڀريندا ٺمب (آڱوٺو) هڻندا. ايپ تي حاضري ڀرجي ويندي. هاڻ هي ايپ ڇا عمل جوڳي آهي؟ اسان جون ٻهراڙيون تہ ڇڏيو حيدرآباد شهر توڙي ان جي ڪالونين ۾ ارڙهن ڪلاڪ بجلي ناهي. ان کان سواءِ موبائيل چارج ڪئين ڪبا. وري جي چارج هجن تہ سگنلس جو مسئلو ايپ تي ڪا پوسٽ نٿي لڳي تہ حاضري ڪانہ ٿيندي. سنڌ حڪومت بہ استادن جا مسئلا بيان ڪرڻ کان سواءِ انهن جي مجبورين کي ڏسڻ کان سواءِ هاءِ ڪورٽ کي آگاهہ ڪرڻ کان سواءِ فيصلو قبول ڪري ورتو.

هي اهڙو فيصلو آهي جيڪو قابل عمل ئي ناهي. ان جي نتيجي ۾ تعليم تدريس جو عمل ڇٽو جيڪي استاد پگهارن کان سواءِ نون مهينن کان پڙهائين پيا اهي ڪٿان ويهہ هزار جو موبائيل خريد ڪن. جيڪي خريد ڪري آيا آهن انهن کي سمجهہ ۾ نٿو اچي ويتر استاد ڳتي ۾ آهن تہ ٻارن جي تعليم اتي ڇٽي هن ايپ کي ڪجهہ بهتر ڪيو وڃي. اسڪولن ۾ بايو ميٽرڪ مشينون لڳايون وڃن پر جتي واش روم، بجلي، پيئڻ جي پاڻي جي سهوليت ئي ناهي هن جو مطلب صاف آهي، تہ سنڌ جي تعليم تي روز نوان تجربا ڪرڻا آهن باقي تعليم کي درست ناهي ڪرڻو. استادن لاءِ آساني ناهي پيدا ڪرڻي، انهن جي ذهنن کي رليڪس ناهي ڪرڻو خانا پوري ڪرڻي آهي.

هي عمل ويتر تعليم دشمن آهي تنهن ڪري استادن جي تنظيمن گستا، سپلا، پ ٽ الف، کي هن سلسلي ۾ آواز اٿارڻ گهرجي نہ تہ هي تجربا خاص طرح پرائمري جي تعليم جيڪا اڳ ئي تباهہ حالي جو شڪار آهي ويتر تباهہ ٿي ويندي. هي آفيسرن جون لوڏون بہ آهن جيڪي اسڪولن جا وزٽ ڪن بند پيل اسڪولن ۾ استاد مقرر ڪرائين فرنيچر ڏيارين. بايوميٽرڪ ايپليڪيشن سنڌ جي استان کي مونجهارن جو شڪار ڪري تعليم جو بيڙو ٻوڙڻ جو هڪ نئون تجربو آهي هن ايپ کي فوري طور رد ڪريو. استاد مونجهارن جو شڪار ٿي ذهني مريض بڻجي ويا آهن ڇو تہ بجلي آهي ڪانہ سگنل نيٽ ورڪ موجود ئي ناهي. اهڙي حالت ۾ بايو ميٽرڪ حاضري جو تصور ڪئين ممڪن آهي.

هتي هن وقت بہ افسوس ناڪ اها ڳالهہ آهي تہ صبح اچڻ شرط ڪلاڪن جا ڪلاڪ استاد حاظري جي چڪر ۾ موبائيل کڻي اسڪولن جي چوڌاري سگنلن لاءِ ڦرندا رهندا آهن. اهو شروعاتي وقت بہ ٻارن جو ڌيان ٿيندو آهي جنهن جي ڪري سنڌن پڙهائي شديد متاثر ٿيندي آهي اهو بہ سمجهو سنڌ جي تعليم جو نقصان ٿي رهيو آهي سنڌ جون سياسي سماجي تنظيمون ان جو نوٽيس ڪن. سنڌ حڪومت جي سوين کاتن مان صرف تعليم کاتو ۽ تعليم کاتي جو بہ فقط استاد بندوق جي نشاني تي. استاد ڳوسڙو آهن. انهن جي فقط حاضريءَ لاءِ اڳ ۾ سپروائزر، تعلقہ آفيسر، ضلعي آفيسر مقرر هئا. جيڪي ماهوار ترتيب جوڙي هر اسڪول جو دورو ڪندا هئا. جيڪي اوڻايون پوڻايون نظر اينديون هئڻ. تن کي سڌارڻ لاءِ عملي قدم کڻندا هئا. سي بہ حڪومت کي ڪرپٽ نظر آيا. پنهنجن ئي آفيسرن تي ويساهہ قائم رکي نہ سگهيا. ڏوهہ وري بہ ڏنو ويو استاد کي.

سنڌ سرڪار جي پنهنجي آفيسرن تي ڀروسو نہ رهڻ جي صورت ۾ بايوميٽرڪ مانيٽرنگ سسٽم لاڳو ڪيو ويو. جنهن ۾ بہ استاد اٽي ۾ لوڻ برابر ڪوتاهہ نظر آيا. پر وري بہ ڏوهاري استاد کي ئي چيو ويو. ان بعد استادن جي چوڪسيءَ کي اڃان بہ هڪ قدم اڳتي کڻي، وڏن اسڪولن ۾ ڊوائسون رکيون ويون. جن تي اچڻ ۽ وڃڻ جي حاضري، آن لائين ورتي وئي جنهن مان بہ سرڪار کي ڪو ڪڙ تيل حاصل نہ ٿيو. وري بہ ڏوهاري استاد آهي.

ان بعد موبائل ايپ سسٽم کي رواج ۾ آڻڻ لاءِ پي ايم ايس ايپ متعارف ڪرايو ويو آهي. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ 1000 روپين جي نيٽ پيڪيج سميت 50000 هزار روپين جا سيل فون خريد ڪيا . سو بہ استادن ڦاهو ڪاڏو پر سرڪار کي استاد ڪنهن بہ حالت ۾ ڏوهاري ڏيکارڻو آهي تہ انهن هن ايپ جي ڪارڪردگيءَ کي مشڪوڪ بڻائيندي، اهڙو سسٽم آن لائن ڪيو آهي، جيڪو هڪ ئي هنڌ تي مختلف ڪارڪردگي ڏيکاري رهيو آهي.

جيئن منهنجي اسڪول جي 54 استادن مان فقط چند استادن جي موبائلن ۾ ايپ اٽپررو ڪم ڪري رهيو آهي. اڪثريت جي شناختي ڪارڊن تي ايپ لاتعلقي جو اظهار ڪندي. ناقابل جواز ڄاڻائي رهيو آهي.

ايپ تي ڪمپيوٽرائزڊ شناختي ڪارڊ جي سڃاڻپ نہ ٿيڻ مان ڪهڙي مراد ورتي وڃي..؟ جڏهن تہ ناڻي کاتي جي پگهار جو سسٽم ساڳئي شناختي ڪارڊ تي سالن کان هلي رهيو آهي. ڪڏهن بہ ڪا رنڊڪ نہ آئي آهي. انهيءَ ئي ڪارڊ تي بينڪ ۾ هر مهيني پگهار اچي ٿي. انهيءَ ساڳئي ئي ڪارڊ تي انڪم ٽيڪس جو استاد فائلر پڻ آهي.

هنن سڀني حقيقتن کي نظر ۾ رکي ويساهہ سان چئي سگهجي ٿو تہ ايپ جو سسٽم اهڙو جوڙيو ويو آهي. جيڪو اڄ کان جهجهن استادن کي پاڻ سان سلهاڙڻ کان ئي عاجز هجي. جيئن سنڌ جي استادن کي دنيا ۾ خداڪارڻ ذليل ڪري سگهجي. هن جو هڪ ٻيو بہ اهم مقصد آهي تہ استادن کي ذهني ٽارچر ڪيو وڃي تہ جيئن سنڌ جي تعليم متاثر ٿيندي رهي. جنهن جو سڌيءَ طرح لاڀ سنڌ جي ڪرپٽ سياستدانن کي لاشعور قوم جو ووٽ ملندو رهي ۽ هو ٻارين ٻچين حڪمراني ڪندا رهن. ۽ اسان جي اڻ پڙهيل قوم پنهنجن حقن کان لاتعلق ٿي جئي جئي ڪندي وتي.

تعليم کاتو واقعي جي قوم جي تعليمي سڌاري جي حمايت ۾ آهي ۽ پي ايم ايس ايپ معرفت حاضري وٺڻ تي جي بضد آهي، تہ نيٽ جي نظام ۽ ايپ جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ جي اشد ضرورت آهي. ڪو بہ استاد ان ڳالهہ کان ڪيٻائڻ وارو نہ آهي. تہ ڪو ايپ نہ هجي. ها پر ايپ جي رزلٽ بهتر هئڻ گهرجي. نيٽ ورڪ جي سگنلز جي ڪمزوريءَ کي استادن جي ڏوهہ ۾ شامل نہ ڪيو وڃي.

عزت لائق ڪورٽ سڳوريءَ کي پڻ گهرجي، تہ زميني حقيقتن کي نظر ۾ رکندي، احڪامات جاري ڪري. سنڌ سرڪار کان فقط استادن جي حاضريءَ تي ئي زور وجهڻ جو ڪو جوڳو سبب معلوم ڪري، تہ هيترن نگرانن هوندي جي سنڌ جي تعليم جو سڌارو نہ پيو ٿئي، تہ ان جا ڪارڻ آخر ڪهڙا آهن؟ جڏهن تہ استادن جي حاضري اسڪولن ۾ نيڪ ناڪ آهي. فقط استادن جي حاضريءَ سان تعليمي عمل جو تسلسل برقرار نٿو رکي سگهجي. جيستائين تعليمي معاونات، لوازمات، مددي سامان موجود نہ هجي. تنهن ڪري عزت لائق ڪورٽ سڳوريءَ کي گذارش آهي تہ تعليم جي سڌاري لاءِ تعليمي لوازمات تحت جيڪي بہ گذريل 10 سالن ۾ مرامتي ڪم ٿيا آهن. انهن جي عدالتي جانچ پڙتال ڪئي وڃي، تہ جيڪي ڪم 10 سالن ۾ سرانجام ڏنا ويا آهن. اهي واقعي انهن هنڌن تي ٿيا آهن. جيڪي هنڌ ڪاغذن ۾ ڄاڻايا ويا آهن.

سنڌ سرڪار جيتري رقم فرنيچر لاءِ مختص ڪئي هئي، ڇا ان رقم مان اسڪولن کي فرنيچر مهيا ڪيو ويو آهي يا ٺلهن پنن جو پيٽ ڀريو ويو آهي. ڪورٽ سڳوري اهو بہ ضرور ڏسي تہ اسڪول عمارتون واقعي اسڪول جي معيار موجب آهن يا نہ؟ انهن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻيءَ جو بندوبست آهي يا نہ؟ ليٽرين فنڪشنل آهن يا نہ؟ ڪاڪوسن جي صفائيءَ لاءِ ڀنگي مقرر آهن يا نہ؟ رانڌ جو سامان ڊي اي او اسپورٽس مهيا ڪيو آهي يا نہ؟ سائنس ليبارٽريون فعال آهن يا سامان ڪپايو ويو آهي؟ تعليم جي حصول جو اهم پرزو تدريسي نصاب اسڪولن کي مڪمل مليو آهي يا نہ؟ نصابي سرگرمين ڪرائڻ لاءِ اسڪولن کي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن يا نہ؟ بالا آفيسرن کي اسڪولن لاءِ مليندڙ فرنيچر، مرامت، پاڻي، اخبارن، رسالن، ڪتابن، مينيل اسٽاف لاءِ وردين، اسٽيشنري، ڪمپيوٽر وغيره جي مد ۾ فندن جي جانچ پڙتال ڪئي وڃي تہ اهي فند واقعي اسڪولن تي ئي خرچ ڪيا ويا آهن يا نہ؟ استادن سان گڏ ٻئي مقرر مددي عملي جنهن ۾ آفيسرس، آفيشلس، منسٽريل اسٽاف ۽ مينيل اسٽاف لاءِ پڻ اهڙو ايپ آندو وڃي تہ جيئن اهي پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض ادا ڪندي، تعليمي سڌاري ۾ پنهنجو جوڳو ڪردار ادا ڪري سگهن.

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار

Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

ڇنڇر 29 اپريل 2023 ع

ڪنهن بہ شعبي ۾ انساني حقن جي لتاڙ نہ رکي!

هيومن رائٽس ڪميشن پاڪستان پنهنجي رپورٽ ۾ ملڪ ۾ سياسي، معاشي ۽ انساني حقن جي لتاڙ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن تي زور ڏنو آهي تہ ملڪ ۾ عوام دوست حڪومت ڏانهن وڌڻ جي لاءِ رياست ۾ قانون جي حڪمراني تي عمل ڪرڻو پوندو.

سال 2022 بابت انساني حقن واري ڪميشن جي رپورٽ بابت اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حنا جيلاني ۽ وارث خلق چيو آهي تہ موجوده ۽ اڳوڻي حڪومت ملڪ ۾ پارليامينٽ جي بالادستي جو احترام ڪرڻ ۾ ناڪام ويون آهن. قانون جوڙيندڙ اداري ۽ عدليہ ۾ جاري ٽڪراءَ سان ادارن جي ساک کي نقصان پهتو آهي. هن جو چوڻ هو تہ سڄو سال سياسي انتقام جاري رهيو صحافين ۽ اپوزيشن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ انهن تي تشدد بہ ٿيو.هن جو چوڻ هو تہ حيرت آهي تہ پارليامينٽ تشدد جي عمل کي غيرقانوني قرار ڏيڻ وارو بل تہ منظور ڪيو پر ان تي عمل نہ ٿيو هنن ملڪ ۾ تشدد جي وڌندڙ واقعن تي ڳڻتي ظاهر ڪئي.جنهن ۾ گذريل سال 533 ماڻهون اجل جو شڪار ٿيا گذريل پنجن سالن جي مقابلي ۾ اهو انگ سڀني کان وڌيڪ آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ ڪي پي ڪي ۾ وڌندڙ تشدد ۽ انتهاپسندي جي واقعن کان حڪومت لاتعلق بڻجي وئي. جنهن ڪري انهن جي روڪٿام لاءِ ڪي بہ جوڳا قدم نہ کنيا ويا. سال 2022 ۾ گمشدگين جي واقعن ۾ بہ ڪا ڪمي نہ ٿي، گمشدگين جي عمل کي ڏوهہ قرار ڏيڻ واري قانون منظور ٿيڻ باوجود 2022 ڪيس حل نہ ٿي سگهيا. گذريل سال جي غيرمعمولي موسمياتي اثرن جي ڪري ٽي ڪروڙ ماڻهو پنهنجي الهہ تلهہ کان محروم ٿي ويا پر حڪومت انهن جي بحالي ۾ ڪي بہ مناسب قدم نہ کنيا.

انساني حقن جي رپورٽ موجب سال 2022 بہ خواتين جي لاءِ گهڻو خراب رهيو.4226 ريپ ۽ گينگ ريپ جا واقعا ٿيا. ان سلسلي ۾ حڪومت ملوث ڏوهارين کي سوگهو ڪرڻ ۾ سستي جو مظاهرو ڪيو ۽ انهن کي سزا ڏيڻ واري شرح بنهہ سست رهي. ملڪ ۾ مذهبي شدت پسندي جاري رهي، پوليس توهين رسالت جي ڪيسن ۾ گهٽ رپورٽون داخل ڪيون آهن پر هجوم هٿان الزام آيل ماڻهون تشدد جو نشانو بڻيا. پنجاب ۾ احمدي برادري خلاف ڪارروايون جاري رهيون.90 قبرن جي بي حرمتي ڪئي وئي.

ٽرانس جينڊر اشو بہ هن سال گهڻو موضوع رهيو. انهن خلاف بہ تشدد جي واقعا نہ رکجي سگهيا. سنڌ جي 1200 گروي ٿيل پورهيتن ۽ هارين کي آجو ڪرايو ويو انساني حقن جي تنظيم پورهيت جي لاءِ حڪومت پاران معياري اجوري کي نا مناسب قرار ڏنو جنهن تي بہ عمل جي گهٽي ڪوٽ رهي. ملڪ ۾ کاڻين جي پورهيتن سان وڌيڪ زيادتيون ٿيون گذريل سال 90 پورهيت فوت ٿيا. اهڙي ريت سال 2022 انساني حقن جي حوالي سان خراب رهيو

انساني حقن جي انساني حقن جي تنظيم پاران جاري ڪيل رپورٽ ملڪ جي مجموعي حالتن ڇڱو خاصو ڇٽو آئينو آهي، جنهن ۾ هر ذي شعور انسان ملڪ جي حالتن کي ڏسي سگهي ٿو. اهڙي رپورٽ کي لفظن سان رد ڪرڻ جو لاڙو گهڻو پراڻو آهي.ان هوندي بہ جيڪو ڪجهہ بہ هن ملڪ ۾ ٿيو آهي يا ٿي رهيو آهي ان جي بنيادن يا حقيقتن کان انڪار ڪرڻ پاڻ سان دڪو هوندو.

انساني حقن واري ڪميشن جي رپورٽ ۾ ملڪ جي اهم ادارن يا رياست جي ٽنين يعني قانون جوڙيندڙ ادارو، قانون جي وضاحت ۽ تشريح سان گڏ ان جي نگراني ڪندڙ ادارو ۽ ان تي عمل ڪندڙ انتظاميہ پڻ پنهنجو چهرو ڇٽي نموني ڏسي سگهن ٿا . جيڪڏهن اسان جا ادارا واقعي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي حقيقت کي سمجهڻ جي لاءِ ٿورو وقت ڪڍي پنهنجي جائزي وٺڻ جي ڪوشش ڪن تہ ان سان ڪين زميني حقيقت ۽ سچائي جو بهتر نموني ادراڪ ٿي ويندو اهڙي طرح غور ڪرڻ سان اسان نہ رڳو ٻين جون پر پنهنجون بہ ڪوتاهيون ۽ ڪمزوريون بہ ڳولي سگهون ٿا ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪري سگهون ٿا. هاڻي اها تہ سڀني کي خبر هوندي تہ دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ آخري يا حتمي نہ هوندي آهي، ڪنهن بہ بهتر ڳالهہ کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي گنجائش موجود هوندي آهي، سو جيڪڏهن ڪو بهتري جو فيصلو ڪري ان تي عمل جي ڪوشش ڪري تہ بهتري اچي سگهي ٿي.

جيڪڏهن ڏسجي تہ رياست جي انهن ٽي ٿنڀن تي وڏو بار هوندو آهي، جنهن ۾ مقننہ، عدليہ ۽ انتظاميہ شامل آهن. جيڪڏهن اهي عوام جي ڏکن سورن جو احساس ڪندي انهن کي ختم ڪرڻ جو عهد ڪن تہ بہ عوام کي وڏو رليف ملي سگهي ٿو باقي هن وقت ملڪ جي جيڪا صورتحال آهي ان کان بہ اهي ادارا ئي وڌيڪ باخبر هوندا ڇاڪاڻ جو انهن جو حالتن سان سڌو تعلق آهي. انهن ۾ سڌارو آڻڻ جو ذمو پڻ انهن مٿان گهڻو آهي توقع ڪجي ٿي تہ عوام جي مسئلن جو احساس ڪندي لاڳاپيل ادارا انصاف جي ناليءَ ۾ عوام کي اهڙو انصاف فراهم ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندا جنهن جي لاءِ چيو ٿو وڃي تہ انصاف رڳو ٿيڻ نہ گهرجي پر اهو انصاف ٿيندي نظر بہ اچي.

اهو درست آهي تہ هن وقت سموري دنيا ۾ معاشي ابتري آهي ان هوندي بہ ڪيترائي ئي ملڪ اهڙا آهن جيڪي وڏي آبادي هوندي، سياسي ۽ معاشي طور گهڻو ڪمزور هوندي بہ اڳتي وڌڻ جو سفر جاري رکيو اچن. پر جي ڳالهہ ڪبي اسان جي ملڪ جي تہ ڪجهہ بنيادي خاميون نظر اچن ٿيون، جن کي حل ڪرڻ ڪو گهڻو ڏکيو نہ آهي پر جيئن تہ هڪ عرصي کان اسان اهڙي روش ۽ طرز عمل جو شڪار رهيا آهيون، جنهن سان کي رويا اسان جي حڪمرانن ۽ اسان جي انتظاميہ ۾ ڪنهن خراب عادت جيان ويهي رهيا آهن. جن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پاڻ تي سختي ڪرڻي پوندي.

انصاف جي ڪرسي تي موجود منصف بنا رعايت جي انصاف ڪري، قانون جوڙيندڙ ادارو عام ماڻهو جي مفادن وٽان قانون جوڙي ۽ عمل ڪرائيندڙ حڪومت يا انتظاميہ بنا ڪنهن جهول جي ان تي عمل ڪري تہ اسان هن ملڪ ۾ هڪ بهتر سماج طرف ڀريون وک کڻي سگهون ٿا. جنهن سان انصاف تي ٻڌل معاشري جو بنياد رکڻ ۾ مدد ملندي.

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

No.XEN(B)/TC/G-55/ 172 / OF 2023, S.B.A Dated: 27/04/2023

Phone: 02449370153 Email: xenbldsba@gmail.com

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

دلچسپي رکندڙ شخصن/سپلائر/ڪمپنين/فرمز کان جيڪي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ واڪ دستاويزن لاءِ مهربند واڪ/بڊنگ ڊاڪيومينٽس گهرائجن ٿا.

ايس #.	اسڪيم جو نالو	ڪٽيل لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم 5٪	ٽينڊر في	ڪم جي مڪمل ڪرڻ جو مدو
01	ڳوٺ زوار بابو خان زرداري يو سي مريد خان زرداري تعلقي نوابشاهہ ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد ۾ وٽنري سينٽر جي تعمير	4.550	227500	3000	24 مهينا
02	ڳوٺ غلام قادر خاصخيلي يو سي ڪاڏڻ تعلقي سڪرنڊ ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد ۾ گورنمينٽ ڊسپينسري جي تعمير	7.00	350000	3000	24 مهينا
03	ڳوٺ سوالي زرداري يو سي مريد خان زرداري تعلقي نوابشاهہ ۾ گورنمينٽ ڊسپينسري جي تعمير	7.00	350000	3000	24 مهينا
04	ڳوٺ صاحب خان جمالي يو سي ڪرم جمالي تعلقي سڪرنڊ ۾ وٽنري سينٽر جي تعمير	4.550	227500	3000	24 مهينا
05	ٽائون ڪميٽي ٻانڊي ٽائون ڊسٽرڪٽ شهيد بينظير آباد ۾ آفيس جي تعمير	6.900	345000	3000	24 مهينا

شرط:

1. خالي ٽينڊر فارم هيٺ ڏنل شيڊول تي درخواستن جي وصولي تي جاري ڪيا ويندا. هيڊ ڪوارٽر مان نڪتل دستخط جي صورت ۾، هيڊ ڪوارٽر ڏانهن واپسي تي کوليو ويندو.
2. سڀني دلچسپي رکندڙ ماڻهن/سپلائيرز/ڪمپنين/فرمن کي گهربل آهي تہ هر ڪم جي بدلي ۾ ڊيڪاريل رقم لاءِ وصول ڪيل رقم شيڊولڊ بئنڪ کان ڪال ڊيپازٽ/پي آرڊر جي شڪل ۾ جمع ڪرائين. ٽينڊر جمع ڪرائڻ وقت هيٺ دستخط ٿيل ناليءَ تي.
3. سڀني دلچسپي رکندڙ ماڻهن/سپلائيرز/ڪمپنين/فرمز کي اجازت نہ هوندي تہ هو پنهنجي بولي/بولي واپس وٺي سگهن يا بوليءَ جي صحيح مدت دوران بڊ سيڪيورٽي جي واپسي لاءِ پڇن. ٻي صورت ۾ بڊ سيڪيورٽي ضبط ڪئي ويندي.
4. ٽينڊر فارم هن آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. خواجہ گارڊن نوابشاهہ ۾ موجود هر ڪم جي بدلي ۾ ڊيڪاريل ٽينڊر فيس جي قيمت جي ادائگي تي نقد (ناقابل واپسي) نقل جي رسيد ذريعي.
5. قابل اختيار اٿارٽي ڪنهن بہ وقت سڀ يا ڪنهن بہ ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي ٽينڊر/بولي قبول ڪرڻ کان اڳ SPPRA ضابطن جي لاڳاپيل شقن جي تابع.
6. مشروط ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
7. ٺيڪيدار کي لازمي طور تي "فيڊرل بورڊ آف روينيو" سان گڏ "سنڌ بورڊ آف روينيو" سان رجسٽرڊ ٿيڻو پوندو (i) انڪم ٽيڪس (ii) سيلز ٽيڪس ۾ ۽ لازمي طور تي سرٽيفڪيٽ جي صحيح ڪاپي مهيا ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن لاڳو ٿئي ٿي تہ انهن جي بلن مان ٽيڪس ڪٽيا ويندا.
8. ڪم جي اسپيشلائيزيشن (پي اي سي سرٽيفڪيٽ) جي لاڳاپيل شعبي ۾ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جي رجسٽريشن.
9. اسٽيمپ پيپر تي ضابطو آڻڻ تہ اها فرم ڪنهن بہ قسم جي مقدمي ۾ ملوث نہ هجي، ڊپارٽمينٽ ۾ رنڊڪون، ڇڏيل يا غير ضروري دير سان حڪومت ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ ڪنهن بہ ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾.

سيريل نمبر	ڪورا ٽينڊر فارم جي اجراءِ جو هنڌ، تاريخ ۽ وقت	مهربند ٽينڊر کولڻ جو هنڌ، تاريخ ۽ وقت
01	خالي ٽينڊر فارم ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس، بلڊنگز ڊويزن شهيد بينظير آباد خواجا گارڊن نوابشاهہ واقع آفيس مان 24.05.2023 تائين اخبارن ۾ جاري ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي 24.05.2023 تائين 1.00 وڳي تائين آفيس ۾ وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي آفيس ۾ واپس 25.05.2023 تي منجهند 12:00 تائين وصول ڪيا ويندا.	سيل ٿيل ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي، بلڊرز يا انهن جي بااختيار ايجنٽن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا جيڪي 25.05.2023 تي 1:00 وڳي تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جي آفيس، بلڊنگ ڊويزن شهيد بينظير آباد، خواجہ گارڊن نوابشاهہ واقع آفيس ۾ پيش ڪرڻ چاهيندا.

نوٽ:- ٻين دفعي غيرجوابي ڪمن جي صورت ۾ جاري ٿيڻ جي ايندڙ تاريخ، ٽينڊرز جي واپسي ۽ اوپننگ 12.06.2023 ۽ 13.06.2023 تي ٿيندي. ٻيا شرط ۽ ضابطا ساڳيا ئي رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن
شهيد بينظير آباد

INF/KRY#1634/2023

پڙهندي سنڌ تہ...... وڌندي سنڌ

بدين ۾ موسميات کاتي طرفان برسات جي اڳڪٿي بعد انتظام سخت ڪرڻ جون هدايتون

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايتون ڏنيون

نجيب الرحمان جمالي جي زير صدارت دربار هال ۾ پڻ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي، معاملن تي ڳالهيون

ايمرجنسي دوران موبائل فون بند هجڻ جي صورت ۾ سخت ايڪشن کنيو ويندو: نجيب الرحمان جمالي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) موسميات کاتي طرفان جاري ڪيل برسات جي اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي ضلعي جي سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن، ميونسپل آفيسرن ۽ ٽائون آفيسرن کي اڳواٽ حفاظتي اپاءَ وٺڻ لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ان سلسلي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون نجيب الرحمان جمالي جي زير صدارت دربار هال ۾ پڻ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ اي ڊي سي ون چيو ته برسات ۾ ماڻهن جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ ضلعي انتظاميه جي پهرين ترجيح آهي هن لوڪل گورنمينٽ جي سمورن آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته شهر جي سمورن گٽر نالن جي صفائي ڪرائي پاڻي جي نيڪال ۾ ايندڙ سمورين رڪاوٽون دور ڪيون وڃن هن چيو ته برسات دوران سموري عملي جون موڪلون ختم ڪيون وڃن آهن ڪوبه آفيسر يا ٽائون عملو پنهنجو موبائل فون بند نه رکي، ايمرجنسي دوران موبائل فون بند هجڻ جي صورت ۾ سخت ايڪشن کنيو ويندو سمورا پمپنگ اسٽيشن فعال هجڻ گهرجن هن صحت کاتي کي هدايتون ڏيندي چيو ته ضلعي جي سمورن اسپتالن ۾ جان بچائڻ وارين دوائن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي هن سوشل ويلفيئر کاتي کي پڻ هدايتون ڏيندي چيو ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سمورين اين جي اوز کي الرٽ رکيو وڃي پين ڪاٽن سان گڏوگڏ اين جي اوز پڻ هر مشڪل وقت ۾ ماڻهن جو ڀرپور ساٿ ڏنو آهي هن حيسڪو عملدارن کي پڻ هدايتون ڏيندي چيو ته برسات کان اڳ شهر ۾ ڪمزور ۽ پراڻين تارن کي تبديل ڪيو وڃي ته جيئن ڪوبه جاني نقصان نه ٿئي ۽ خراب ٽرانسفارمر پڻ تبديل ڪيا وڃن هن چيو ته برسات دوران چوپائي مال ۾ بيمارين وڌي وڃن ٿيون جنهن لاءِ لائيو اسٽاڪ کاتو جانورن جي جلد کان جلد ويڪسين شروع ڪري هن گڏجاڻي ۾ موجود سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجن تعلقن ۾ ٽائون ۽ پين لاڳاپيل کاتن سان گڏجاڻي ڪري برسات کان اڳ سمورا اپاءَ وٺڻ لاءِ هدايتون ڏين گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو وقار احمد کلوڙ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر شير محمد ٿهڙيو ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر امتياز علي پٽو چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اشوڪ ڪمار ڊي اي او سيڪنڊري ڏنو ملاح ضلعي جا سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرن مختيارڪارن سميت لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.....

پريا سٽي ويجهو مبينا پوليس مقابلي ۾ 2 نوجوانن جي مارجڻ وارو مامرو

مقابلي ۾ 2 نوجوانن جي مارجڻ بعد وارثن عدالت ۾ پٽيشن داخل ڪري ورتي

پوليس اهلڪارن جي وڪيل اياز مري پيروي ڪندي عدالت کان مهلت گهري ورتي

پوليس اهلڪارن جي وڪيل اياز مري پيروي ڪندي عدالت سگهوري کان مهلت گهري ورتي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پريا سٽي ويجهو مبينا پوليس مقابلي ۾ 2 نوجوانن جي مارجڻ وارو مامرو پريا سٽي جي ڳوٺ ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ 2 نوجوانن جي مارجڻ بعد وارثن عدالت ۾ پٽيشن دائر ڪري ورتي ٻڌڻي 3 مئي تائين ملتوي، اسان سان ظلم ٿيو آهي انصاف ڪيو وڃي وارث عورتن جو ميڊيا اڳيان احتجاج انصاف جي گهر، خبر موجب پرياسٽي پرسان ڳوٺ عثمان ڳاهيچو ۾ پوليس اهلڪارن طرفان مبينا طور پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل مقيم لاکو ۽ عجيب لاکو جي وارثن پاران سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج جي ڪورٽ نوشهروفيروز ۾ واقعي ۾ ملوث جوابدارن تي قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ نوشهروفيروز جي نامياري وڪيل امر امتياز معرفت درخواست داخل ڪرائي آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي، پوليس اهلڪارن جبار مري ۽ عظيم ملاح ڪين ڪوڙي مقابلي ۾ ماريو آهي جنهن ٻڌڻي تي جڏهن ته ملوث ڄاڻايل پوليس اهلڪارن جي وڪيل اياز مري پيروي ڪندي عدالت سگهوري کان مهلت گهري ورتي آهي جنهن تي عدالت سگهوري 3 مئي تائين ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي، ٻئي پاسي مقتولن مقيم لاکو ۽ عجيب لاکو جي وارثن مرد توڙي عورتن اربيلان لاکو زبيل لاکو سڄڻ ۽ آدم لاکو ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي ڪي ٻڌايو ته زميني تڪرار تان اهلڪارن جبار مري پنهنجي ساٿي اهلڪار عظيم ملاح سان گڏجي اسان جي 2 نوجوانن مقيم ۽ عجيب لاکو کي بيگناهه گوليون هڻي بي دردي سان قتل ڪيو آهي، هنن ٻڌايو ته جبار مري ۽ عظيم ملاح ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان کي سندن مان جان جو خطرو آهي هنن اعليٰ اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي کان انڪوائري جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي ۽ عدالت سگهوري کان پڻ واقعي کو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

ڪيڊٽ ڪاليج ويجهو موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر ۾ ٽڪر، موٽرسائيڪل سوار عورت فوت

پوليس کي اطلاع پوليس پهچي ٽرالر ڊرائيور توڙي ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

لاش کي ايمبولينس ذريعي ڳوٺ پهچايو ويو فوت ٿي ويل عورت جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

موٽرسائيڪل سوار عورت مسمات حوا خاتون زال غوث بخش ملهڻ ڇپائيجي موقعي تي ئي فوت ٿي وئي

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر موٽر سائيڪل مٿان چڙهي ويو، جهانپور شريف واسي عورت 40 سالا مائي حوا ڇپائيجي فوت، سنڌس مڙس موجزاتي طور محفوظ، سرحد پوليس ٽرالر کي هٿ ڪري ورتو ڊرائيور فرار، خبر موجب سرحد کان جهانپور شريف واسي زال مڙس سرحد کان ڳوٺ وڃي رهيا هئا ته سرحد بائي پاس زونگ هوٽل وٽان ڪراس ڪندي ڪين تيز رفتار ٽرالر ٽڪر هيون نتيجي ۾ 40 سالا عورت مائي حوا زال غوث بخش ملهڻ ڏڏي فوت ٿي وئي، سرحد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي عورت جو لاش گهوٽڪي اسپتال منتقل، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، جڏهن ته پوليس ٽرالر کي تحويل وٺي ڇڏيو ڊرائيور فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿيل عورت مائي حوا جي لاش تي سنڌس مڙس غوث بخش ملهڻ روئندو رهيو، فوتي عورت جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ڪهرام مچي.

***

ٽنڊو غلام حيدر يونين ڪائونسل حاجي صوبو خان چانڊيو ۾ 3 گهر ڊهي ويا

محمد صديق رند ۾ تيز طوفاني برسات سبب ٽن پورهيتن جا گهر ڊهي پٽ پيا ڇتيون اڏامي ويون

تيز طوفاني برسات سبب گهر ڊهي پيا ان کان علاوه ڪافي گهرن جو ڇتيون پڻ اڏامي ويون: غلام مرتضيٰ رند

برسات سبب گهرن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري اسان مسڪينن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ: ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر يونين ڪائونسل حاجي صوبو خان چانڊيو جي ڳوٺ محمد صديق رند ۾ تيز طوفاني برسات سبب ٽن پورهيتن جا گهر ڊهي پٽ پيا ڇتيون اڏامي ويون متاثر ڳوٺاڻا کلي آسمان هيٺ ويٺل وس وارن جو تڏيل نمائيندن کان سهائتا جي اپيل جڏهن ته پورهيت غلام مرتضيٰ رند نورحسن رند پنهنجن معصوم ٻارڙن سميت احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تيز طوفاني برسات سبب گهر ڊهي پيا ان کان علاوه ڪافي گهرن جو ڇتون پڻ اڏامي ويون جنهن سبب ڪافي نقصان پهتو آهي هڪ پاسي مهانگائي سبب ٻچن جو پيٽ پالڻ به مشڪل بڻيل آهي مٿان وري تيز طوفاني برسات پڻ ڪري اجها به ڊهي ويا جنهن جي ڪري ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهيون هنن حڪومت سنڌ ۽ تڪ جي سياسي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته برسات سبب گهرن جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري اسان مسڪينن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي

مارچ پوليو مهم ۾ 267 زيرو ڊوز ٻار ويڪسينيشن کان رهجي ويا: ڊي سي شڪارپور

شڪارپور ۾ ميسلز، ممپس ۽ چڪن پاڪس بيمارين بابت ڪجهه ڪيس ظاهر ٿيا آهن

پي پي ايڇ آءِ جا نمائيندا ويڪسنيشن ۽ اي ايف پي ڪيسز بابت رپورٽون جمع نٿا ڪرائين

گڏجاڻي ۾ هيلٿ، پوليس، روينيو، لوڪل گورنمينٽ ۽ تعليم کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) 15 مئي کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت گڏجاڻي شڪارپور ۾ ميسلز، ممپس ۽ چڪن پاڪس بيمارين بابت ڪجهه ڪيس ظاهر ٿيا آهن ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کي گڏجاڻي ۾ آگاهي، تفصيل موجب پندرنهن کان ايڪويهه مئي تي ٿيندڙ پوليو مهم بابت ڊسٽرڪٽ پوليو اريڊيڪيشن ڪميشن جو اجلاس ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر جي صدارت ۾ ٿي گذريو. گڏجاڻي ۾ ڊبليو ايڇ او جي نمائيندي ٻڌايو ته مارچ واري پوليو مهم ۾ 267 زيرو ڊوز ٻار ويڪسينيشن کان رهجي ويا آهن جڏهن ته ضلعي سيڪٽر انڪارين کي پوليو جا قطرا پيارايا ويا آهن. جڏهن ته پي پي ايڇ آءِ جا نمائيندا ويڪسنيشن ۽ اي ايف پي ڪيسز بابت رپورٽون جمع نٿا ڪرائين جنهنڪري ڊيٽا اڌوري رهجي وڃي ٿي. ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر چيو ته شڪارپور ۾ ميسلز، ممپس ۽ چڪن پاڪس جا ڪجهه ڪيس شڪارپور ۾ ظاهر ٿيا آهن جڏهن ته سڄي سنڌ ۾ اهي بيماريون وبائي شڪل اختيار ڪري چڪيون آهن. ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور ابرار جعفر چيو ته مذڪوره بيمارين جو سائنس ڪيس ٽو ڪيس ڊسڪس ڪيو وڃي ۽ ويڪسينيشن جو عمل تيز ڪيو وڃي. گڏجاڻي ۾ هيلٿ، پوليس، روينيو، لوڪل گورنمينٽ ۽ تعليم کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي.

***

امن امان جي صورتحال سنڌ ۾ خراب آهي، عرفان سمون بهترين آفيسر آهي: سراج دراني

اسپيڪر سنڌ اسيمبلي آغا سراج دراني پاران مدئجي ۾ مختلف هنڌن تي تعزيتون ڪيون ويون

سراج دراني پاران مدئجي ۾ سماجي اڳواڻ مور مگسي سان سنڌس جي پاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) وقتي گورنر سنڌ ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي آغا سراج دراني مدئجي ۾ مختلف هنڌن تي تعزيتون. ڳوٺ ٽرائي ۾ چيف سردار همٿ علي ڪماريو جي عيادت پڻ ڪئي ۽ مدئجي ۾ سماجي اڳواڻ مور مگسي سان سنڌس جي پاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي. عيد گاهه محلا ۾ عبدالحئي ميرائي وٽ مانجهاندي ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي وقتي گورنر آغا سراج دراني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سردار همٿ علي ڪماريو مسلسل بيمار هيو ڪراچي ۾ ڳوٺ پهتو آهي جنهن جي عيادت لاءِ آيو هئس باقي سوشل ميڊيا تي جيڪي اسان جي اختلافن بابت پوسٽون هلائي رهيا آهن اهي هٿن جي خبر آهي هن وڌيڪ چيو ته امن امان جي صورتحال پوري سنڌ ۾ خراب آهي ضلعي شڪارپور ۾ عرفان سمون بهترين آفيسر آهي. پوليس هميشه قربانيون ڏنيون آهن جيڪب آباد ۾ پوليس جوانن جي شهادت کي سلام پيش ڪيون ٿا جن عوام جي مال ۽ جان جي حفاظت لاءِ پنهنجون جانيون ڏنيون ٿا پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه شهيد پوليس جوانن جي اولادن کي نوڪريون ڏنيون آهن. اسان کي پنهنجي سنڌ جي پوليس تي فخر آهي. ان موقعي تي سائنس گڏ وڏيرو عبدالعزيز ميرائي، محمد اعظم ميرائي، مور مگسي، آغا جاويد دراني، اسلم دراني بابوخن دراني ۽ ٻيا سائنس گڏ هئا.

***

بقايا 01 سنڌيار

ڪيو 3 ڏينهن بلڊ نه ٻيلو هن اسان کي چيو ته رت ختم ٿي ويو آ اسان کي هن نوابشاهه ريفر ڪري ڇڏيو ۽ اسان کي آپريشن وارو فائيل به نه ڏنو جنهن ڊاڪٽرن ٻڌايو ته هن رڳو ڪل جو آپريشن ڪيو آ ننڍڙي جي پيٽ ۾ ڳرڙهيون پيو آهن آهي ڊاڪٽر ڪڍيو ڪونه پوءِ پئسا چاها ورنا ۽ هن ناڪا ب صبح نه لڳائيا جنهن جي ڪري بلڊ نه ٻيلوان ڪري چوڪري گهٽي رت وهڻ جي ڪري فوت ٿي آهي اسان کان 25 هزار فيس به ورتي مگر غلط آپريشن ٿيڻ ڪري اسان جي پاڻي فوت ٿي آهي اسان حڪومت ۽ وس وارن کان مطلبو ٿا ڪريون ته فورن ڊاڪٽرپريل خلاف قدم کڻي اسان سان انصاف ڪيو وڃي ور نه اسان سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿينداسين هن ائين غلط آپريش وسيلي ڪيترائي ماڻهو ماريا آهن هي ڊاڪٽر گهٽ ڪاسائي ماڻهو مار وڌيڪ آهي.

بقايا 02 سنڌيار

ڦر، متاثر شخص جو چوڻ هو ته اڄ صبح جو مان پنهنجي ڳوٺ کان ڪنڊڪوٽ ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ٻار پڙهائڻ لاءِ اچي رهيو هوس ته رائي اسٽاپ جي لڳ ڀلڪائي لاڙي وٽ مين روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار ڄڻن هٿيار بندن مون کي هٿيارن جي زور تي روڪي مون کان 20 هزار روڪ موبائل فون ۽ ڊريم موٽر سائيڪل ڦر ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا هوڙانهن پوليس کي اهڙي اطلاع ملڻ شرط پوليس سرچ آپريشن شروع ڪري ڏني

بقايا 03 سنڌيار

چورين قبيلائي دهشتگردي خلاف احتجاج سخت نعريبازي احتجاج گهنٽا گهر چوڪ کان پريس ڪلب تائين ڪيو ويو احتجاج ۾ شريڪ مظاهرين قبيلائي جهڳڙي ۾ قتل ٿيل پروفيسر اجمل ساوند جي قتل خلاف نعريبازي پڻ ڪئي، احتجاج ۾ QAT ضلعي آرگنائيزر فدا محمدائي سجاد بروهي ارصلاح ڀلڪائي SUP صدر دلمراد ڏاهائي STP صدر اڪرم خان باجڪاڻي II صدر غلام مصطفيٰ ميرائي طريت ساگر بجاراڻي JSQM صدر والي ڏنو سبزوبي علي بخش بنگوار شاهه علي سهرياڻي شعيب ڊومڪي اعجاز بجاراڻي رحمت الله چڇڻ ظمير چنا ڊاڪٽر قدرت الله باجڪاڻي ۽ سوين ماڻهن جي شرڪت وڪ تي گلن جي ورڪا امن جي بحالي لاءِ انتظاميا خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي، ريلي مختلف رستن شاهي بازار ميڊيڪل مارڪيٽ سونارڪي بازارکان ٿيندي جڏهن پريس ڪلب پهتي ته هڪ وڏي جلسي جي شڪل اختيار ڪري ويئي. اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ضلعي ڪشمور ۾ ڪشمور چانوٽي ڪنڌڪوٽ ۾ رينجرس هيڊ ڪوارٽر مختلف هنڌن تي رينجرس چوڪيون پنوعاقل چانوٽي گهوٽڪي شڪارپور ۽ ڪشمور ۾ هزارين پوليس اهلڪار هوندي به چند هٿيار بند ڪچي جي لوفرن ۽ پڪي جي سهولتڪارن جي آڏو رياست مجبور آهي

بقايا 04 سنڌيار

رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ چوڪماڙي باباالحوائج کان اوباوڙو پريس ڪلب تائين پرامن ريلي ڪڍي وئي ريلي جي شرڪاءَ حڪومت وقت کان مطالبو ڪيو ته سفارتي تعلق جي اثر رسوخ تي سعودي حڪومت کان اسان جو مطالبو بحال ڪرائي جنت البقيع سلام عليه بي بي فاطمه زهره ۽ آل رسول جي قبرمبارڪن جي مٿان روزه تعمير ڪرايا وڃن انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته آئيما مسلم ۽ پاڪستان جي مسلمان حڪمرانن کي اپيل آهي ته جلد از جلد سعودي حڪومت کان بي بي فاطمه زهره ۽ آل رسول جي قبر مبارڪ جو روزه تعميراتي ڪم جلد ڪرايو وڃي

بقايا 05 سنڌيار

سان گروهه مذهب تبديلي ڪرائڻ واري عمل جي مزمت ڪريون ٿا هن چيو ته شادي لاءِ جبري مذهب تبديل ڪرڻ جهڙي عمل کي اسان ڪريل حرڪت سمجهون ٿا رياست پاران قانون سازي حڪومتي توڙي انتظامي قدمن سان توهين مذهب ۽ توهين رسالت ص قانون جي اثر سبب انتها پسندي جي واقعن ۾ واڌ اچي ٿي هڪ سال اندر هڪ 1000 هزار کان وڌيڪ اقليتي نارين جو مذهب تبديل ڪري شاديون ڪرايون ويون آهن پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي نفرت انگيز خبرون هلندڙ خبرن جو پيمرا ادارو قانون تي عمل ڪرائي اهڙين خبرن جي ڪري اهڙن واقعن ۾ تيزي اچي پئي هن چيو ت پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 25. 27. 37. 36 پاڪستان ۾ مذهبي اقليتي برابر جا شهري آهن ان جي باوجود ب اقليتي غير نسلي بخش آهن ذاتي مفادن خاطر اهڙي قانون کي استعمال ڪيو پيو وڃي جبري شاددون ڪرائي اقليتي برادرين سک هندو مسيحي برادري احساسي محرومي بڻجي لڏ پلاڻ ڪن ٿا هن چيو ت اجتماعي طور مذهب يا مذهبي شخصيت جي توهين جا اسان سوچي ب نٿو سگهجي اهڙن واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

بقايا 06 سنڌيار

گٽڪو مائو هڪ آلٽو ڪار ۽ هڪ چنگان ڪاروان وين هٿ گٽڪو مٽيريل سپلائير جوابدار سميت هڪ عورت جوابدار گرفتار ايس ايڇ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي پنهنجي سپاهه سميت دوران گشت خفيه اطلاع ملڻ تي ڳوٺ ابراهيم بروهي لنڪ روڊ فلٽر پلانٽ گهارو ويجهو ڪاروائي ڪندي هڪ آلٽو ڪار ۾ آندين سفينا گٽڪو سپلائي جي ڪوشش کي ناڪام بڻائيندي ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ وٺندي 5500 پيڪٽ آندين سفينا گٽڪو هٿ ڪري ورتو جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويا انهيءَ کان علاوه نيشنل هاءِ وي فلٽر چاڙهه تي ڪامياب ڪاروائي ڪندي چنگان ڪاروان وين مان هڪ گٽڪو مٽيريل سپلائي ڪندڙ جوابدار زاهد سمون ۽ هڪ عورت جوابدار کي گرفتار ڪري وين کي حراست ۾ وٺي 46 ڪلو ڪاٿو 1800 ساشي راجا جاني ۽ ظفر شاهجهان پتي 80 ڪلو ردي 500 پڙيون گٽڪو مائو هٿ ڪري جوابدارن خلاف گهارو ٿاڻي تي گٽڪو ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آهي جڏهن ته پوليس پاران فرار جوابدارن جي ڳولها جاري آهي

بقايا 07 سنڌيار

خلاف ڪاروايون تيز ڪندي چيو ته ڌوهارين کي ڪنهن به حالت ۾ معاف نه ڪيو ويندو محرابپور جي سياسي سماجي مذهبي ڪاروباري شخصيتن پوليس جي ساراهه

بقايا 08 سنڌيار

آرگنائيزيشن (رجسٽرڊ) طوفان صوبي سنڌ لاءِ جنرل سيڪريٽري مقرر، مختلف سڄاڻ ڏرين طرفان وڪيل امرجماڻي کي مبارڪباد جو سلسلو جاري. تفصيل موجب ملڪ ۾ سماجي ڀلائي ۽ انساني حقوق واري تنظيم پاڪستان هيومن رائيٽس ڊولپمينٽ [illegible]

بقايا 09 سنڌيار

[illegible]

بقايا 10 سنڌيار

[illegible]

بابت ڪيل انتظامن بابت ڄاڻ ڏني ۽ چيو ته سپروائيزرز جي ٽريننگ ٽيمون جي ٽريننگ يو پيڪ ميٽنگ ڪر جو مائڪرو پلان تيار آهي ۽ ان تي ڪم جاري آهي گڏجاڻي کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو ڊاڪٽر شاهد حسين شيخ چيو ته اينٽي پوليو مهم 15 کان 21 مئي تائين جاري رهندي جنهن ۾ هڪ ڏينهن جي ٻارن کان 5 سالن جي عمر تائين ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري ڪم ۾ پوليو جي ڦڙن پيارڻ وارين ٽيمن سان تعاون ڪن جيئن ڪنهن جو به ٻار پوليو جي ڦڙن پيئڻ کان محروم رهجي نه وڃي.

بقايا 11 سنڌيار

چيو ته اسان جي ناري سپنا زال مرتضيٰ خاصخيلي پنهنجي ڄڻن ٻارڙن سان ڪراچي کان واپس موروواهي رهيا هئا ته رستي ۾ غائب ٿي وئي اسان ڪافي ڳولا ڪئي پر ڪٿان ڪجهه معلوم ناهي ٿي سگهيو، هنن الزام هڻندي شڪ ظاهر ڪيو ته اسان جي ناري کي نذير تگر اغوا ڪري کڻي ويو آهي هن کي چار ٻارڙا آهن ۽ حمل سان پڻ آهي، هنن چيو ته اغوا ڪندڙ نذير تگر ڊاڪٽر محمد پريل تگر جي نوشهروفيروز ۾ هڪ پرائيويٽ اسپتال ۾ ملازم آهي اسان وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته ناري جي ڳولا ۾ مدد ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 12 سنڌيار

علي خالطي ۽ شڪيل احمد خالطي پنهنجي ڳوٺ گنديرمان بداڻي شهر اچي رهيا هئا ته رستي تي نامعلوم هٿيار بندن هٿان اغوا ٿي ويا. هٿيار بند ڌاڙيل مغوين کي ڪچي طرف کڻي ويا اهڙو اطلاع بداڻي ايٽ مياڻي پوليس کي ملندي ئي ڌاڙيلن جو پيڇو ڪري سڄي علائقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو

بقايا 13 سنڌيار

سکر آڏو احتجاجي مظاهرو. تفصيل موجب ؛ روهڙي جي ڪوٽ ميريعقوب علي شاهه واري علائقي ۾ اي سي روهڙي وسيم مهر، مختيار ڪار روهڙي، سکر ضلعي جي پوليس جي ڀاري نفري، روينيو ۽ انڪروچمنٽ عملو ساڻ ڪري هيوي مشينري ذريعي سيد ڪاظم علي شاهه. جي جڳهه کي ڪٽرتالي مٿان انڪروچمنٽ ڄاڻائي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي سيد ڪاظم علي شاهه، ۽ سيد لياقت علي شاهه جي گهر جي عورتن (بيبين) قرآن پاڪ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ علائقي واسين متاثر خاندانن پريس ڪلب سکر پهچي ڏانهو آهي ته اي سي روهڙي بااثر سياسي ماڻهن جي ونگار وهندي ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي گذريل ڏينهن اي سي روهڙي اسان جي ذاتي پراپرٽي ڊاهڻ لاءِ اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ مردن سان بدتميزي ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي واپس وڃي اسان جي مردن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي اسان جي مردن کي پوليس هٿان ڪنهي گم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڄ مردن جي غير موجودگي ۾ سڄي ضلعي جي پوليس ساڻ ڪري اسان جي ذاتي جڳهه ڊاهي پٽ ڪئي وئي آهي مظاهرو ڪندڙ عورتن جو چوڻ هو ته هن قرآن پاڪ جي صدقي اسان سان ٿيل ناجائزين جو نوٽيس وٺي، اسان جي مردن خلاف داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان جي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري اسان کي تحفظ ۽ انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 14 سنڌيار

ڪري ويا. دڙو ۾ 4 ڏينهن اڳ جاداڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران فوت ٿيل نوجوان اسلم جاداڻي جي تدفين دڙو جي اباڻي قبرستان پير قل بادشاهه ۾ ڪئي وئي. فوتي نوجوان اسلم جاداڻي جو مڙهه رات دير سان ڪراچي کان سندس اباڻي ڳوٺ آچار جاداڻي آندو ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ ماحول سوڳوار ٿي ويو، دڙو لڳ ڳوٺ آچار جاداڻي ۾ مرحوم جي جنازي نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ سندس مڙهه کي دڙي شهر جي پير قل بادشاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو زخمي نوجوان اسلم جاداڻي جي ڪراچي اسپتال ۾ فوت ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدار ڏر گهر خالي ڪري فرار ٿي ويا. فوتي نوجوان اسلم جاداڻي کي 6 ٻارن جو اولاد آهي ۽ پاڻ دڪان تي مزدوري ڪندو هو. 5 ڏينهن اڳ جاداڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين جا 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا. جهيڙي دوران زخمي ٿيل نوجوان اسلم جاداڻي ڪراچي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل هو، جتي زخمن جي تاب نه سهندي فوت ٿي ويو. جڏهن ته ڏر پاران ٻي ڌر جي 9 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته دڙو پوليس طرفان ڪيس ۾ نامزد 4 جوابدارن کي اڳ ۾ ئي گرفتار ڪيو ويو آهي 3

بقايا 15 سنڌيار

ڪرڻ گهرجي. برسات جي انتظامن جي حوالي سان ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ضلعي ۾ قائم سمورن پمپنگ اسٽيشنن کي اسڪيرٽ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ جا عملدار فعال ڪن ۽ ان کان علاوه جنريٽر به لڳايا وڃن بجلي فراهم ڪئي وڃي ته جيئن ممڪنه برسات ۽ ٻوڏن کان بچي سگهجي. صورتحال ۾ پاڻي جي نيڪال ۾ مدد ڪري سگهجي. هن چيو ته پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتو ضلعي جي سمورن شهرن ۽ يونين ڪائونسلن جي گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ قائم ڪيل پمپنگ اسٽيشنن کي فعال حالت ۾ رکي ۽ مشينري جي ضروري مرمت ڪري، بجلي نه هجڻ جي صورت ۾ متبادل انتظام ڪري. ان کان علاوه سمورن برساتي نالن جي صفائي ڪرائي وڃي ۽ نالن تي ڪيل حددخلين کي فوري طور هٽايو وڃي. هن لائيو اسٽاڪ کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو لائيو اسٽاڪ جي ضروري ويڪسينيشن جو عمل مڪمل ڪن ۽ ڪنهن به قسم جي ايمرجنسي کي منهن ڏيڻ لاءِ دوائون ۽ عملي کي تيار رکيو وڃي. هن سوشل ويلفيئر کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو لائيو اسٽاڪ کاتي جي عملدارن کان ڪارڪردگي رپورٽ حاصل ڪن ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي ڀلائي جي تنظيمن ۽ ان حوالي سان رپورٽ پڻ تيار ڪئي وڃي ته ايندڙ برسات ۽ ٻوڏن ۾ کهڙي اداري کان مدد حاصل ڪري سگهجي. هن نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر ويز کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو ايندڙ برسات دوران متبادل رستن جي رٿابندي ڪن. برسات ۽ ٻوڏن کي منهن ڏيڻ ۽ نيشنل هاءِ وي جي مرمت جو ڪم تيز ڪندي هن ضلعي هيلٿ آفيسر کي هدايت ڪئي ته هو سمورين اسپتالن ۽ صحت مرڪزن کي 24 ڪلاڪ فعال ڪن، ايمرجنسي جي صورتحال لاءِ گهربل دوائن، ويڪسين جي فراهمي جا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ايمبولنس، ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي ڊيوٽي ۽ ڪنٽينجنسي پلان جي ڪاپي ڊي سي آفيس ۾ جمع ڪرائي. عمارتن جي لسٽ تيار ڪئي وڃي ۽ ڪوشش ڪئي وڃي ته برسات دوران برساتي [illegible]

يقين ڏيارايو ۽ ڪين چيو ته هو ضلعي انتظاميا سان رابطي ۾ رهن ۽ متاثرين جي مدد لاءِ پنهنجي ڊونرز کان گهربل مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪن

بقايا 16 سنڌيار

يرغمال بنائي هزارين روپيا روڪ رقم ڦر ڪري پچي ويا ٽنڊو پوليس واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج جاري ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ساڳئي رات 11 وڳي ڌاري بدين شهر جي انڊس موڙ تي عزيزالله پنهڻ هوٽل بند ڪري رهيو هو ته هٿيار بند موٽر سائيڪل سوارن ڪانئس ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي هنن مٿس فائرنگ ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ۽ موٽر سائيڪل ڇڏي موقعي تان پچي ويا زخمي عزيزالله پنهڻ کي انڊس اسپتال بدين ۾ ابتدائي طبي امداد ڏيئي ڪيس سول اسپتال حيدرآباد روانو ڪيو ويو بدين ۽ ٽنڊو پوليس واقعن جي رپورٽ داخل ڪري جوابدارن جي سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ هٿ آيل موٽر سائيڪل جي مدد سان ڳولا ڪري رهي آهي.

بقايا 17 سنڌيار

پنهڻ رئيس سيف الله جمالي انور چانڊيو سميت سوين آبادگارن شرڪت ڪئي اجلاس بعد علائقي ۾ پاڻي جي خت ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد ڏرڙون هلي مطالبو ڪيو ويو ته ڪوٽڙي بئراج تي پاڻي ڪوٽ ختم ڪري سکر ڊاڻون پاڻي رليز ڪيو وڃي سنڌ سرڪار فوري طور ارسا ذريعي گهربل پاڻي مهيا ڪرڻ لاءِ قدم کڻي سنڌ کي چاليهه هزار کان وڌيڪ پاڻي منگلا ۽ تربيلا ڊئم مان رليز ڪرائڻ لاءِ تڪڙو تحرڪ وٺندي پاڻي رليز ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو هنن آباد گارن مطالبو ڪيو ته سکر بئراج جو ڊاڻون هڪدم وڏائي دادو مورو پل تائين غائب ٿيندڙ پاڻي کي آزاد ڪرائي ڪوٽڙي تي گهٽ ۾ گهٽ 14 هزار ڪيوسڪ ڪيو وڃي اڪرم واهه کي اڪارڊ 1991ع موجب سٽر ريگيليٽر تي اڄ جي رڪارڊ موجب 2760 ڪيوسڪ پاڻي مهيا ڪري ڏنو وڃي اڪرم واهه جي پاڻي چوري ڪندڙ بليڪ ميلر گينگ خلاف قدم کڻي فوري طور چوري بند ڪرائي وڃي گذريل اٺن مهينن دوران اڪرم واهه جي پاڻي کي چوري ڪري نان پيرنل واهن کي ڏيندڙ ايريگيشن عملدارن خلاف قدم کنيو وڃي پاڻي تي ٿيندڙ بليڪ ميلنگ بند ڪئي وڃي قليلي ڪئنال سميت بدين جي سيني ڪئنالن جي ٽيل ۾ پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي اڪرم واهه ۾ صفائي جي نالي تي ڪروڙين روپيا ڪرپشن ڪندڙ ڪامورن خلاف هڪدم ڪيس نيب ۽ انٽي ڪرپشن کي موڪليا وڃن ۽ اڪرم واهه جي نئين سري ٿيندڙ ريهيبليٽيشن کان اڳ ۾ ڪئنال ۾ پهل سليب ۽ سلت جي ڪر کي جلد کان جلد اڪلائي اڪرم واهه جي ٽيلن تي پاڻي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ ٽن ڏينهن کان پوءِ ڏرڻا احتجاج بڪ هڙتالون احتجاج جاري رکندي 15 مئي تي حيدرآباد سيڊا آفيس جي اڳيان اڪرم واهه جا هزارين آبادگار ڌرڻو هڻندا ۽ پنهنجي پاڻي جي حاصلات لاءِ جدوجهد آخري ساهه تائين جاري رکندا

بقايا 18 سنڌيار

۽ موٽمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف قلم ڏٽين سياسي سماجي ڌرين ۽ شهرين پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي قلم ڏٽين پريس ڪلب جي صدر ممتاز علي سولنگي يونس راڄپر ساگر يوسف منگي علي نواز سولنگي اير ظفر تگر خادم حسين مري امتياز سومرو خادم سيال سماجي اڳواڻ ماهنور شيخ مهر وسطڙو خالد چانڊيو عطا حسين سمون ۽ ٻين جو چوڻ هو ته نوشهروفيروز شهر جا روڊ رستا ۽ گليون گٽرن جي پاڻي سان ڀريل آهن هر طرف گندگي جا ڍير لڳل آهن اهڙو آئينو ڏيکارڻ تي ڊپٽي ڪمشنر جو پرسنل اسسٽنٽ ياسين پٽي صحافي علي نواز سولنگي کي موٽمار ڌمڪيون ڏيڻ سان گڏ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن جي اسان سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا صحافين جو چوڻ هو ته ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب جي اچڻ سان سڄو شهر کنڊرات ۾ تبديل ٿي چڪو آهي انتظاميا ڪاٿي به نظر نه ٿي اچي سنڌ حڪومت طرفان ڪروڙين روپين جي ماهوار ملندڙ بجيٽ پيٽرول سميت پيا ڪوڙا ووچر ناهي هضم ڪيا پيا وڃن جڏهن ته حڪومت طرفان بيواهه عورتن کي ملندڙ بينظير فنڊ ملازمن جي وردين جا پئسا ۽ ٻي مد ۾ ملندڙ بجيٽ پڻ هضم ڪئي وئي آهي ڊپٽي ڪمشنر روينيو آفيسن جي ڪميشن وڌائي ڇڏي آهي ۽ آفيس ڪرپشن جي گڙهه بڻجي چڪي آهي جنهن سبب شهري سخت پريشان آهن قلم ڏٽين سنڌ حڪومت سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ضلعي جي بجيٽ هڙپ ڪندڙ ڪرپٽ ڊپٽي ڪمشنر شاهزيب شيخ ۽ سندس پي اي ياسين پٽي کي هٽائي ايماندار آفيسر مقرر ڪيا وڃن ته جيئن شهرين کي لاپ حاصل ٿي سگهي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 19 سنڌيار

، مسمات فوزيه مسمات نورجهان ڏاٺيڏانو ۽ مسمات روضه ڏاٺيڏانو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي عورت مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي سهوري جون 2 شاديون هڻڻ جري پنهي گهروارين مان 3.3 پٽ جي ڪري ٻالڙن پاڻورن پاران اسان جي غريب پورهيت گهروارن جي حصي ۾ ايندڙ زرعي زمين تي قبضو ڪيو ويو آهي بيڪا زمين شيخ پرڪيو ۾ 16 ايڪڙ آهي اسان جي گهروارن پنهنجي حصي واري زمين مان حصو گهرڻ اسان اسان جي گهروارن مٿان ستي ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا آهن جنهن ڪري هو روپوش واري دربدري واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ۽ اسان جا سڀ ٻچا فاقاڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن هنن اعليٰ اختيارين انساني حقن واري تنظيم سميت چيف جسٽس آف پاڪستان آئي جي سنڌ ايس ايس پي ٽنڊو محمدخان کان انصاف ۽ تحفظ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 20 سنڌيار

سردار رضا رضوان ڪاتيار ڪامريڊ محمد عيسيٰ ڪاتيار ڪامريڊ عبدالصمد ڪاتيار حاجي هارون ڪاتيار محمد شريف ڪاتيار محمد عمر ڪاتيار ارشاد علي ڪاتيار ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوري برادري جي ماڻهن ڪاتيار برادري جي بي گناهه نوجوان کي قتل ڪيو آهي ڪاتيار برادري هميشه پرامن رهي آهي * قانوني رستو اختيار ڪندي پنهنجي شهيد نوجوان امجد راجا ڪاتيار جي ناحق خون سان انصاف جي گهر ڪئي آهي ڪوري برادري ۾ ڪجهه شريسند ماڻهن هر وقت شريسندي جو ڪردار ادا ڪيو آهي پران هوندي به اسان صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪيو آهي تاريخ شاهد آهي جڏهن به ڪاتيار برادري پنهنجي مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ متحد ٿيندي آهي ڏڏهن انهن مظلومن کي انصاف ڏيارڻ جو پڪو پڪو ارادو ڪيو آهي 2004ع [illegible]

ڏرڙو ختم ڪيو ويو ڪاتيار اتحاد سنڌ شهيد محمد حنيف ڪاتيار ۽ بي گناهه هاف فراڻ ڪيل نوجوان سڪندر ڪاتيار جي واقعن تي به سڄي سنڌ ۾ سخت احتجاج ڪري انهن کي انصاف ڏياريو ايس ايس ٽنڊو الهيار ايس ايڇ او بُڪير شريف هن ڪيس جي صاف شفاف جاچ ڪري ملوث ماڻهن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻين ٻي صورت ۾ ايس ايس پي آفيس ٽنڊو الهيار جي آڏو سخت ڪيو ويندو..

بقايا 21 سنڌيار

ڳوٺ ۾ ملازم آهي ۽ عبدالغني ميمڻ ڪراچي ۾ ترسيل آهي اهي نافرمان ٿي ويا آهن جيڪي مون کي پنهنجي رهائش واري جڳهه مان زوري بي دخل ڪرڻ چاهين ٿا پٽن جي سخت روين ۽ نافرمانين سبب مان سخت پريشان آهيان چاڪاڻ ته هنن گهر خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ سنگين نوعيت جون ڌمڪيون ڏنيون آهن ۽ اگرا نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار رهڻ جو چتاءُ ڏئي رهيا آهن ان ڪري مان بيواهه عورت جيڪا گهر ۽ رليون سبي ڀچڙن جو گذران ڪيان ٿي ۽ مڙس جي رکيل ڪجهه رقم مان پيٽ پالي رهي آهيان رهائش واري جڳهه کسڄڻ جي صورت ۾ مان بيواهه دربدري واري زندگي گذارڻ کان بهتر آهي خودڪشي ڪري ڇڏينديس، هن پوليس جي اعليٰ اختيارين، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته مٿي ذڪر ڪيل منهنجن نافرمان پٽن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون کي ۽ مون سان گڏ رهندڙ گهر ڀاتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

برادري ڪيس گلن جا هار پارائي آجيان ڪئي جڏهن ته پنهنجي اباڻي شهر مورو پهچڻ تي پڻ سنڌس پرپور استقبال ڪيو ويو، عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ بعد قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ خان سومرو کي قومي عوامي تحريڪ سربراهه اياز لطيف پليجو، مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو، غلام نبي لاکو، جي ڊي اي اڳواڻ سيد حاجي عزيز چانڊيو، غلام سرور سولنگي، صحافي رياض حسين عالماڻي، وحيد رزاق مستوئي، اينڪر انسٽيٽيوٽ جي سي اي او عبدالعزيز پٽو، اوهان نزاڪت سنڌي ٻين ڪيترن ئي مڪتب فڪر سان لاڳاپيل اڳواڻن قومي عوامي تحريڪ جي آفيس تي پهچي ڪامريڊ خان سومرو کي عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ جون مبارڪون ڏنيون

بقايا 23 سنڌيار

المصطفيٰ عيد گاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي مذهبي ادبي صحافي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن جي مڙهه کي بعد ۾ اباڻي قبرستان بلند شاهه ۾ دفنايو ويو هوڏانهن جروار ڪميونٽي هال خانواهه ۾ سنڌس پاڻرن هادي بخش جروار، فوجي منور علي جروار، منير احمد جروار سٺوٽن سڪندر علي جروار، فقير قربان علي جروار ۽ ٻين عزيزن سان مرحوم فقير انور علي جروار جي دعا گهري تعزيت ڪئي هوڏانهن غوثيا جماعت جي خليفي ڏاڏي مظهر الدين منگي .پ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري، لالا نظر محمد پناڻ زاهد حسين جلباڻي، صحافي شاهه محمود پٽو، وڏيرو غلام عباس پٽو، صحافي ضمير حسين پٽو، خميسو خان جتوئي، استاد طالب جروار، ڪامريڊ شاهد جروار، قدير حسين پٽو، محمد قاسم جروار، فقير قربان پٽو، محمد حليم ناريجو، اظهر نعمت الله ناريجو، حاجي ممتاز علي جهوان، خالد رضا جوڻيجو، الله ڏنو انصاري، ڪامريڊ منصور علي پٽو، ڪامريڊ مدثر دانش پٽو، عبدالعزيز جروار، وسيم جروار، نياز جروار، آصف جروار، رئيس الله بخش لولائي ۽ ٻين هزارن جي تعداد ۾ پونئرن سان تعزيت ڪئي جڏهن ته تعزيت جو سلسلو جاري آهي مرحوم پونئرن ۾ به گهرواريون ۽ هڪ نياڻي سوڳوار ڇڏي آهي، پاڪ ڪان دعا آهي ته مرحوم کي جنت الفردوس اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ پونئرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي

بقايا 24 سنڌيار

مڪمل اطمينان ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن ته شاخ جي آمدني ۽ خرچن جي متفقه طور تي منظوري ڏني وئي گڏجاڻي ۾ شاخ جي ٻاقيدار ۽ غير سرگرم ميمبرن کي حتمي جواب طلبي نوٽيس جاري ڪرڻ جو متفقه فيصلو ڪيو گڏجاڻي ۾ متفقه طور اهو به فيصلو ڪيو ويو ته قومي هيرن، اديبن، دانشورن، شاعرن کي پيدائش ارڻ جي حوالي سان توڙي رهائين، لطيفيات، مشاعرن، ليڪچر پروگرام سميت هر قسم جون ادبي سرگرميون مستقل ۽ ماهوار بنيادن تي جاري رکيون وينديون. جڏهن ته سڪيا جي هنئيوار دستوري گڏجاڻين کي وڌيڪ بهتر کان بهتر انداز ۾ منعقد ڪيو ويندو ڪاروباري ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم ڀٽي، رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، رفيق آس لغاري، اعجاز علي جسڪاڻي، گل خاصخيلي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، امداد علي "ارمان" خاصخيلي، گل محمد سومرو، پير ماجد جان سرهندي، فيصل ميمڻ، حاڪم علي رند، چتو "رمز" خاصخيلي، محبوب لغاري، نياز احمد لغاري، محمد اشرف سليو شرڪت ڪئي.

بقايا 25 سنڌيار

اچي ويا موااصلاتي نظام بند شهري علائقا مير محلا پير محلا، سومرا محلا ٻهراڻي محلا سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ برسات جو پاڻي روڊن رستن تي 2 کان 3 فٽ بيهجي ويو جڏهن ته هوا سان برسات سبب انبن جي باغن کي نقصان جو انديشو

بقايا 26 سنڌيار

چيو ته جڏهن کان مرف اين جي اوز جي سرڪاري اسپتالن جي ذميواري سنڀالي آهي، تڏهن کان ولي هيل تائين هڪ طرف اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ برقرار آهي ته ٻئي طرف مرف اين جي اوز ڪلرڪ برادري کي مڪمل نظرانداز ڪري انهن کي پنهنجا جائز حق ڏيڻ بجاءِ انهن جو ڪم ۾ پٽيوالن ۽ چوڪيدارن کان ورتو پيو وڃي. جيڪو عمل برداشت کان ٻاهر آهي، مرف اين جي اوز جي انتظاميه ڪلرڪ برادري کي پنهنجا حق ڏيارن لاءِ سول سرجن جي ڳالهه به مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي ڪلرڪ برادري کي سنڌن سينارٽي، اپ گريڊيشن سميت برابري جي بنيادن تي حق ملي سگهيا آهن جنهن لاءِ جلد راءِ عمل جوڙيو ويندو. هن چيو ته اسان سڄي زندگي ملازمن کي پنهنجا جائز حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري آهي. هن چيو ته ڪلرڪ برادري ملڪ جي سمورن ادارن ۾ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکي ٿي، ملڪ ۾ هن وقت حد کان وڌيڪ مهانگائي وڌي وڃڻ ڪري عام شهرين جيان سرڪاري ملازم به پگهارون گهٽ هجڻ ڪري سخت پريشان آهن. جن جو گهٽ پگهارن مان گذر سفر [illegible]

ڪري ڪلرڪ برادري کي سينارٽي، اپ گريڊيشن سميت سمورين سهولتون مهيا ڪري ڪين پنهنجي ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري پريشاني کان بچايو وڃي ٻئي صورت ۾ جلد راءِ عمل جوڙي جدوجهد جو آغاز ڪيو ويندو.

بقايا 27 سنڌيار

ڊپٽي ڪمشنر پاران سمورن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته مهاڻن تي نظر رکي وڃي جڏهن ٿٽي جي مختلف علائقن جنهن ۾ چليا، ڪينجهر ڍنڍ ۽ پناهه ڪالوني شامل آهن انهن علائقن ۾ تيز برسات جو سلسلو جاري . جڏهن ته تيز برسات ۽ هوائن سبب وڻ پڻ ڪري پيا آهن جڏهن ته برسات جو پاڻي گهرن ۾ پڻ داخل ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن جنهن جي ڪري علائقي واسين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ٻئي طرف ٺٽي جي ڪوهستاني توڙي ساحلي پٽي ۾ برساتن جون وسڪارو وقفي وقفي سان جاري ٿي ويو آهي، جنهن ڪري گرمي جو روز ٿٽي وڃڻ ڪري موسم خوشگوار بڻجي وئي اهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب شروع ٿيل برسات ضلعي ٺٽي جي ساحلي پٽي سميت ڪوهستاني علائقن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات پوڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو اهي. پوسي جهمپير جي ڪوهستاني ڳوٺ ملوڪ جاڪرو ۾ تيز طوفاني برسات سبب 4 پورهيتن قاسم جاڪرو، جان محمد، منٺار، محرم جاڪرو جا ڪچا گهر ڊهي پٽ پئجي ويا آهن. جيڪي هن وقت کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن. جڏهن ته ٻين به ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ تيز هوائن سبب گهر ڊهي پوڻ جا اطلاع آهن. ٻئي طرف ٺٽي مڪلي، جنگشاهي، جهمپير، گهاڙهو ڪيٽي بندر، گجو گهارو سميت ضلعي جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات پوڻ جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري آهي، برسات پوڻ بعد موسم پڻ خوشگوار بڻجي وئي آهي.

بقايا 28 سنڌيار

ڪندي ڊاڪٽر شڪيل قريشي ۽ ڊاڪٽر شمس جوکيو چيو ته مليريا وبائي مرض آهي جيڪو مڇرن مان جنم وٺي ٿو ۽ مڇر اس پاس جي گندي پاڻي مان پيدا ٿين ٿا ان لاءِ ضروري آهي ته گهرن اڳيان بيٺل گندي پاڻي جو خاتمو آڻجي جيئن مڇر پيدا ٿي نه سگهن ۽ رات جو سمهڻ وقت مڇرداني استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ جسم تي مڪمل ڪپڙا پهري لوشن لڳائي سمهڻ گهرجي جيئن مڇرن جي چڪ کان بچي سگهجي مليريا سان احتياطي قدم کڻي جنگ کٽي سگهون ٿا اسين مليريا جي خاتمي لاءِ جاڳرتا پروگرام ۾ پيا جوڳا قدم کنيا آهن

بقايا 29 سنڌيار

قيوم مزاري جي ورچڙهي ويو هڪ سال پهريان ظالم ٺيڪيدار روڊ جي پنهي پاسن تي مٽي رڪايي ويو عوام جي لاءِ ويتر برساتن سبب عذاب پيدا ڪيو اهڙي عمل خلاف سوين ڳوٺاڻن جي اڳواڻي نظام الدين جڪراڻي عبدالرزاق گولو حافظ حيات جڪراڻي مقدر نظام الدين گولو جبيل گولو مير احمد جڪراڻي علي محمد گولو * ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلوي ڦاٽڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته هڪ سال پرروٽيو ٺيڪيدار اڄ تائين نظر ڪونه آيو آهي ڪرپٽ ٺيڪيدار قيوم مزاري سردار سليم جان مزاري جو خاص ماڻهو آهي جيڪو روڊ جي ٻن پاسن ۾ مٽي رکي ڪروڙين روپيا ڦهايي ويو آهي اينٽي ڪرپشن ڪاٺو ۽ علائقائي جا وڏيرا به اڳهور ننڍ ستل آهن پيپلز پارٽي جي ايم اين اي ۽ ايم پي اي اڳهور ننڍ ستل آهن پنج سالن تائين غايب ٿي ويا اهن اليڪشن جي ويجهو اچڻ بعد سيٽي ڪي عذر خواهي ياد اچي ويندا اتن اسان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وزيراعليٰ سنڌ مراد علي شاهه اپيل ٿا ڪيون ته خدارا نوٽس وٺي هن ظالم ٺيڪيدار قيوم مزاري جي خلاف ڪاروايي ڪيي وڃي

بقايا 30 سنڌيار

محمد يوسف راهوجو، محمد صادق سولنگي ۽ ٻين شهرين پاران مسافر ريل گاڏين جي بندش خلاف احتجاج ڪيو ويو مشهور ميمڻ چيو ته گذريل 10 مهينن کان طعصبي وفاقي حڪومت هن روهڙي کان ڪوٽڙي ريلوي لائين تي هلندڙ مسافر گاڏيون بند ڪري ڇڏيون آهن ٽرين سروس جي بحالي تائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 31 سنڌيار

شهرين مت مائٽن ۽ استادن شرڪت ڪئي ڪيس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو جڏهن ته سنڌس پٽ استاد نسيم احمد ميمڻ ۽ ٻين پونئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 32 سنڌيار

۾ حفاظتي ضمانت لاءِ ڏنل درخواست جي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران فيصل گنڊاپور جي وڪيل ايڊووڪيٽ ظهير بابر عدالت کي استدعا ڪئي ته علي امين گنڊاپور سينٽرل جيل سکر ۾ قيد آهي جنان هو آزاد ٿي رهيو آهي علي امين گنڊاپور خلاف ملي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، علي امين گنڊاپور (ملي) ٿرپارڪر جي عدالت ۾ پيش ٿيڻ چاهي ٿو اسان کي خدشو آهي ته علي امين گنڊاپور خلاف سنڌ ۾ ٻيو ڪيس داخل نه ٿي سگهي. گنڊاپور کي پوليس گرفتار ڪري سگهي ٿي جنهن ڪري حفاظتي ضمانت ڏني وڃي ته جيئن ٿرپارڪر جي عدالت ۾ پيش ٿي سگهون. وڪيل جا دليل ٻڌڻ بعد ڦٽ ايڊيشنل سيشن جج ممتاز سولنگي 50 هزار روپين جي مچلڪن عيوض حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي.

بقايا 33 سنڌيار

کي ڪاميابي نصيب ٿي ناهي سگهي. ياد رهي ته هن کان اڳ ۾ چوپائي مال جي چوري سميت درگاهه هاشم شاهه قبرستان مان ڪي نامعلوم چور سولر پليٽون بيٽري ۽ ڪيش رقم پڻ چوري ڪري ويا هئا. جيڪا چوري ۽ پوليس واپس ڪرائي ناهي سگهي. مقامي رهواسين چوري ٿيل سامان ڪيش رقم واپس ڪرائي چورن خلاف سخت ڪاروائي جي گهر ڪندي ڪورستان واسين جي ملڪيتن جو تحفظ ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 34 سنڌيار

چيو ته ٽي بي جا سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جنهن ۾ ٽي بي جي مريضن جو مفت علاج ڪيو وڃي ٿو هن چيو ٽي بي جو علاج مڪمل ڪيو وڃي ٿي بي هوا جي ذريعي ڦيلجي ٿي هن چيو ته اڻون لانڊي جيل ۾ به قيدين جو علاج ڪرڻ ويندو آهيان ان موقعي ڪرن جي جنرل سيڪريٽري سليم جي ڳالهائيندي چيو ته گلوبل فنڊ سي ڊي سي اين جيوز جي تعاون سان ٽي بي ڪنٽرول پروگرام تحت مريضن جو مفت علاج [illegible]

پاڪستان پوسٽ

آفيس پوسٽ ماسٽر جنرل ناردرن سنڌ سرڪل حيدرآباد

مراسلو نمبر: NS/PS/TENDER SECURITY/2022_2023 (III) تاريخ: 14.04.2023

سيڪيورٽي سروسز جي لاءِ ٽينڊر نوٽيس

[illegible]

مذڪوره ذيل دستاويز Technical Proposal سان گڏ منسلڪ ڪندا.

* Rs.2000/- جو Technical Proposal (ACG_67) [illegible]
* [illegible]

مذڪوره ذيل دستاويز Financial Proposal سان گڏ منسلڪ ڪندا.

* [illegible] Financial Proposal [illegible]
* Rs.25000/- [illegible]

ضروري نڪات تي لازمي عملدرآمد ڪرڻو پوندو

(a) [illegible]
(b) [illegible]
(c) [illegible]
(d) [illegible] Ex_Serviceman [illegible]

[illegible] PPRA [illegible] www.ppra.gov.pk [illegible]

صحيح.... ڊپٽي پوسٽ ماسٽر جنرل (ايڊمن)

از پوسٽ ماسٽر جنرل ناردرن سنڌ سرڪل حيدرآباد

PID(H)#318/2022